روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 17 مئي 2023 ع بمطابق 26 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 351

نيب ترميمون، حڪومت به ته اسان جو امتحان وٺندي پئي وڃي: چيف جسٽس

ڏريون مواد جمع ڪرائين، جيڪڏهن فراهم ڪيل مواد تي عدالت ڪنهن نتيجي تي پهتي ته آگاهه ڪنداسين، نيب ترميمن جي ڪيس جون اڄ 46 ٻڌڻيون ٿي چڪيون آهن

ڏريون مواد جمع ڪرائين، جيڪڏهن فراهم ڪيل مواد تي عدالت ڪنهن نتيجي تي پهتي ته آگاهه ڪنداسين، نيب ترميمن جي ڪيس جون اڄ 46 ٻڌڻيون ٿي چڪيون آهن

خواجا حارث نيب ترميمون ڏسي ٻڌائي ته غلطي ڪهڙي آهي ۽ بنيادي حقن جي پچڪڙي ڪٿي ٿي آهي، پنهنجي پاران اهو طئي نٿا ڪري سگهون ته نيب قانون ۾ تبديلي سان بنيادي حق متاثر ٿي ويا

سپريم ڪورٽ ۾ نيب ترميمن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس آف پاڪستان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي

ڪالهه حالتون ٿي اهڙيون هيون جو يقين نه هو ته عدالت پهچي سگهندس، اڄڪلهه ته سوشل ميڊيا به نه پئي هلي ته ڄاڻ ملي سگهي: وڪيل مخدوم علي خان

حڪومت نيب قانون ۾ ڪالهه ٽين ترميم ڪئي آهي (عمران خان جو وڪيل) عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ نيب ترميمن بابت ڪيس ۾ وفاقي حڪومت ۽ عمران خان جي وڪيلن کي دليلن جي سمري جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي سپريم ڪورٽ ۾ نيب ترميمن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس آف پاڪستان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي. وفاقي حڪومت جي وڪيل مخدوم علي خان چيو ته ڪالهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: سنڌسڀاڻي وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس پگهار وصول ڪرڻ ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس پگهار وصول ڪرڻ ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو آهي. اهو انڪشاف پارليامينٽ جي پبلڪ اڪائونٽس (پي اي سي) جي اجلاس ۾ ٿيو آهي. پي اي سي چيئرمين نور عالم خان جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ صدر، وزيراعظم ۽ ججن جي پگهارن جا تفصيل پيش ڪيا ويا آهن ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس: فوجي ۽ نجي ملڪيتن کي نقصان پهچائيندڙن خلاف ڪارروائي جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ اعليٰ عسڪري قيادت شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪئي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته فوجي ۽ نجي ملڪيتن کي نقصان پهچائيندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: ذريعا

سياسي مقصدن جي آڙ ۾ فوجي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو، ملڪي دفاع ۽ سلامتي جي ادارن تي حملا برداشت جوڳا ناهن

سياسي مقصدن لاءِ ادارن تي حملا افسوسناڪ عمل آهي، 75 سالن ۾ جيڪو دشمن نه ڪري سگهيو، اهو هڪ سياسي جماعت جي ڪارڪنن ڪيو: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪ فوج پرتشدد واقعن تي صبر جو مظاهرو ڪيو، جيڪو ساراهه جوڳو عمل آهي، سڄي قوم فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿي

جناح هائوس جنهن کي قومي فخر آهي، کي باهه ڏني وئي. جيڪو دشمن 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيو، اهو سياسي پارٽي جي ڪارڪنن ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ فوجي ۽ خانگي ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ وارن خلاف قانوني ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو.وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ اعليٰ فوجي قيادت شرڪت ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ 9 مئي جي پرتشدد واقعن جي نقصانن ۽ ڪارروايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

زمان پارڪ پيچ ڏاهه، باهيون، گهيراءَ جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن جون عبوري ضمانتون رد

فرخ حبيب، محمودالرشيد، فواد چوڌري، اعجاز چوڌري ۽ ٻين جون عبوري ضمانتون رد ڪيون ويون

دهشتگردي جي انت واري خصوصي عدالت جي جج اعجاز احمد بٽر پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي شروع ٿي ته جوابدارن طرفان نه سندس وڪيل پيش ٿيا نه ئي وري جوابدار حاضر ٿيا

جوابدارن خلاف ريس ڪورس ٿاڻي ۾ دهشتگردي، پيچ ڏاهه، باهيون ۽ سرڪاري ڪمن ۾ مداخلت سميت ٻين قلمن تحت ڪيس داخل ٿيل

لاهور (م د) لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت (اي ٽي سي) زمان پارڪ ۽ ڪينال روڊ تي پيچ ڏاهه، باهيون ۽ گهيراءَ وارن ڪيسن ۾ تحريڪ انصاف اڳواڻن فرخ حبيب، محمودالرشيد، فواد چوڌري، اعجاز چوڌري ۽ ٻين جون عبوري ضمانتون رد ڪري ڇڏيون. دهشتگردي جي انت واري خصوصي عدالت جي جج اعجاز احمد بٽر پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عبوري ضمانت جي درخواست تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: زمان پارڪ پيچ ڏاهه، باهيون، گهيراءَ جي ڪيس ۾ عبوري ضمانتون رد ٿيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جا فائيل فوٽو

موسميات کاتي ملڪ جي مختلف حصن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ڪراچي (م د) موسميات کاتي ايندڙ 2 ڏينهن دوران ملڪ جي مٿين ۽ وچين علائقن ۾ برسات جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو. موسميات کاتي موجب 16 مئي کان اولهه هوائون ملڪ جي مٿين ۽ وچين علائقن ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن سبب آنڌاري ۽ برسات ٿي سگهي ٿي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 17 ۽ 18 مئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

قومي اسيمبلي توهين پارليامينٽ بل 2023ع گڏيل طور تي منظور ڪري ورتو

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ راڻا قاسم نون توهين پارليامينٽ بل 2023 منظوري لاءِ پيش ڪيو

قائم ڪميٽي رولز ۾ به ترميم ٿيڻ گهرجي، پارليامينٽ ميمبرن جا فون آفيسر ٻڌڻ به پسند نٿا ڪن: راڻا تنوير

هر اداري جي توهين جو ڪونه ڪو قانون آهي، اڳ توهين پارليامينٽ تي ڪو به قانون نه هو

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي توهين پارليامينٽ بل 2023ع گڏيل طور تي منظور ڪري ورتو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ راڻا قاسم نون توهين پارليامينٽ بل 2023 منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان جي 2 ڪيسز ۾ حاضري کان ڇوٽ جي درخواست منظور، ضمانت ۾ 8 جون تائين واڌ

عمران خان وڌيڪ ڪيسز ۾ ڪهڙي ڏينهن اچڻو آهي؟ ان ڏينهن جي تاريخ مقرر ڪريون: چيف جسٽس عامر فاروق

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق جي آڏو عمران خان جو وڪيل بيرسٽر گوهر ۽ علي بخاري پيش ٿيا

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي 2 ڪيسز ۾ حاضري کان ڇوٽ جي درخواست منظور ڪندي ضمانت ۾ 8 جون تائين واڌ ڪري ڇڏي. چيف جسٽس عامر فاروق پي ٽي آءِ چيئرمين جي ٻن ڪيسز ۾ عبوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مارچ ۾ ڪل قرض 57 هزار 122 ارب 50 ڪروڙ رپيا ٿي ويو

فيبروري جي ڀيٽ ۾ 2 هزار 685 ارب رپين جو اضافو ٿيو جيڪو 4.9 سيڪڙو ٿئي ٿو

ڊسمبر 2022 ۾ پاڪستان جو ڪل قرض 51 هزار 58 ارب 20 ڪروڙ رپيا هئا

ڪراچي (م د) اسٽيٽ بئنڪ پاڪستان جي قرض جو تفصيل جاري ڪري ڇڏيو آهي هلندڙ سال مارچ ۾ ڪل قرض 57 هزار 122 ارب 50 ڪروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

فوجي ملڪيتن تي حملو ڪندڙن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪارروائي جي منظوري

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينا جو اجلاس ٿيو

اجلاس دوران امن امان جي صورتحال ۽ 9 مئي جي دهشتگرد واقعن جي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ فوجي ملڪيتن تي حملو ڪندڙ شرپسندن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪارروائي جي فيصلي جي منظوري ڏني وئي

لاهور (م د) پنجاب جي نگران حڪومت فوجي ملڪيتن تي حملو ڪندڙ شرپسندن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪارروائي جي فيصلي جي منظوري ڏئي ڇڏي. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ امن امان جي صورتحال ۽ 9 مئي جي دهشتگرد واقعن جي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ فوجي ملڪيتن تي حملو ڪندڙ شرپسندن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪارروائي جي فيصلي جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ شرپسندن خلاف ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص صلاحڪار قمر زمان ڪائره پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ماءُ جو عالمي ڏينهن، جي ايس ايم يو ۽ جي پي ايم سي جي تحت خاص تقريب

سماج ۾ عورتن جي ڪردار ۽ اسپتالن ۾ مائرن جي سارسنڀال جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو، شيما ڪرماڻي جي پرفارمنس

وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ هڪ بامقصد ۽ متاثر ڪندڙ تقريب منعقد ڪرڻ تي ڊاڪٽر نگهت علي شاهه ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو

عورتن جي فيڪلٽي، اسٽاف ۽ شاگردن تي فخر آهي جيڪي سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي رهيا آهن: ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) ۽ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) پاران ماءُ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد سماج ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ فواد چوڌري کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، پوليس طرفان ٻيهر گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ٿري ايم پي او تحت فواد چوڌري جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت فواد چوڌري کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيندي 2 وڌيڪ ڪيسن ۾ ڪيس گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

اسان کي هڪ ٻئي کي گنجائش ڏيڻي پوندي مان سمجهان ته هر طرف کان صبر جو مظاهرو ٿيڻ گهرجي: فواد چوڌري

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ٿري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جي اهم ملاقات

ملاقات دوران ملڪي سيڪيورٽي صورتحال ۽ موجوده صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات ۾ قومي سلامتي جي اهم معاملن تي به ڳالهيون ڪيون ويون: ذريعا

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير وچ ۾ اهم ملاقات ٿي آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جنرل عاصم منير ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ اڳواڻ محمود مولوي تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سياسي پارٽي تبديل ڪري سگهون ٿا فوج کي تبديل نٿا ڪري سگهون: محمود مولوي

سياسي معاملا ڳالهين جي ميز تي حل ٿيڻ گهرجن، پي ٽي آءِ ۾ آيس ته سوچيو هو ته اها هڪ سلجهيل پارٽي هوندي

پارٽي جي ڪجهه ماڻهن چيو ته عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو ته جي ايڇ ڪيو ويندا سين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪراچي مان قومي اسيمبلي ميمبر محمود مولوي پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف اڳواڻ محمود مولوي

رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهه وڌيڪ گهٽجي ويو

آمريڪي ڊالر جو اگهه 284 رپيا 97 پئسا مان گهٽ ٿي 287 رپيا 96 پئسا ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ هڪ پئسو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جو قدر بحال ٿيڻ لڳو هي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد پوليس شيرين مزاري ۽ سينيٽر فلڪ ناز کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

ماءُ ۽ فلڪ ناز جي فيملي شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي وٺڻ ويا هئين: ايمان مزاري

اسلام آباد پوليس اڊيالا جيل ٻاهران شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي وٺي هلي وئي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري جي ڌيءَ ايمان مزاري چيو آهي ته اسلام آباد پوليس سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

توهان ڏاڙا هڻندڙ ڪيترن ڌوهارين کي "گڊ ٽو سي يو" چوندا آهن؟ مريم جو چيف جسٽس کان سوال

هر هڪ کي رجسٽرار کان فون ڪرائي مرسڊيز ۾ گهرائي رخصت ڪندا آهيو؟

سيني کي چوندا آهيو ته 10 فيملي ميمبرز کي گهرايو، ڪچهري ڪيو ۽ سمهي پئو؟

هر هڪ کي جيل مان ريسٽ هائوس ۾ شفٽ ڪندا آهيو؟: ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان

لاهور (م د) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيف جسٽس طرفان "گڊ ٽو سي يو" جي ريمارڪس جي وضاحت تي به ڪيس تنقيد جو نشانو بڻايو آهي ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مريم نواز سوال ڪيو ته ارٻن جا ڏاڙا هڻندڙ ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سوات: اسڪول ۾ اهلڪار جي فائرنگ، 6 ٻار زخمي ٿي پيا

واقعو سوات جي علائقي سنگوٽا ۾ پيش آيو، جتي هڪ پوليس اهلڪار نجي اسڪول ۾ فائرنگ ڪئي

شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته اهلڪار جو ذهني توازن درست ناهي: پوليس

سوات (م د) سوات ۾ هڪ نجي اسڪول ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 6 ٻار زخمي ٿي پيا. ڊي پي او موجب اهو واقعو سوات جي علائقي سنگوٽا ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه سان ڪيماڙي جي شاگرد امير حمزه جي ملاقات

صوبائي وزير شاگرد کي سنڌ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تعليم جو سفير بڻجڻ جي آڇ ڪئي

13 سالن جي امير حمزه تازوئي باڪو، آذربائيجان ۾ منعقد ٿيندڙ ورلڊ اسڪالرشپ مقابلن ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪري چڪو

توهان اسان جي صوبي ۽ ملڪ جو فخر آهيو، چاهيان ٿو ته ٻين شاگردن جي به رهنمائي ڪيو: سيد سردار علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت واري وزير سيد سردار علي شاهه سان ڪراچي جي ضلعي ڪيماڙي جي شاگرد امير حمزه جي ملاقات، صوبائي وزير شاگرد کي سنڌ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تعليم جو سفير بڻجڻ جي آڇ ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه سان ڪيماڙي جو شاگرد امير حمزه ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ماڊل ٽرائل ڪورٽ پاران ڪيس جي ٻڌڻي، قتل ڪيس ۾ جوابدارن کي ٻه ٻه ڀيرا سزا موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ماڊل ٽرائل عدالت ۽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج راڻا امير الدين جي عدالت ڊڪيتي جي دوران شهري قتل ڪرڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي جوابدارن کي ٻه ٻه دفعو سزا موت ۽ 5.5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني آهي. جوابدارن ۾ عمير، شاهه رخ، ذيشان ۽ عدنان شمسي شامل آهي. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو ته ڪراچي ۾ قرلٽ ۽ قتل تباهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جو پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ڊاڪٽر قادر مگسي جي روپوشي واري وقت سندس والد جيئند مگسي ڪافي وقت جيلن ۾ رهيو

مرحوم جيئند مگسي قومي تحريڪ ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي نه فقط حوصلا افزائي ڪندو رهيو

حيدرآباد (رپورٽر) ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جو پيءُ جيئند مگسي دل جو دورو پوڻ سبب 85 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو ڊاڪٽر قادر مگسي جي روپوشي واري وقت سندس والد جيئند مگسي ڪافي وقت جيلن ۾ رهيو. ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ پاران 10 ماڻهو جي بازيابي جي درخواستن تي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ 3 ڇوڪرين سميت 10 ماڻهو جي بازيابي جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت جاچ آفيسرن سخت ڪارڙ جو اظهار ڪيو. عدالت روايتي رپورٽس جي علاوه بازيابي جي لاءِ جا ڪيا. عدالت چيو حراستي مرڪز جي رپورٽ ڪڏهن آهي. جاچ آفيسر حراستي مرڪز کان رپورٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم هڪ هوٽل تي صفائي جي جڪاس ڪندي

بلديا ٽائون ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم ڪارروائي، صفائي نه هئڻ تي ڏنڊ لاڳو

سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم کاڌ خوراڪ جي مرڪزن کي سنڌ فوڊ اٿارٽي کان لائسنس وٺڻ جي هدايت

موبائيل ٽيسٽنگ ليب پڻ ٽيم سان گڏ هئي ته جيئن کاڌي پيتي جي شين جي معيار کي چيڪ ڪيو وڃي: ٽيم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جي بلديا ٽائون ۾ ڪارروائي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان جي نگراني ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪارروائي ڪئي. ٽيم ڪيٽرن ٽي ڪاڌن جي مرڪز قائم، ڪاڌي ۽ پيتي جي مرڪز، بيڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرين مزاري کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب شيرين مزاري جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت دليل ٻڌڻ بعد شيرين مزاري جي ٿري ايم پي او تحت گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيندي ڪيس آزاد ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرين مزاري جي ٿري ايم پي او تحت گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيندي ڪيس فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فائرنگ ۽ پيچ ڏاهه ۾ ايجنسيز اهلڪارن جي ملوث هجڻ جا ثبوت اسان وٽ موجود آهن: پي ٽي آءِ

اسان اعلان ڪريون ٿا ته اسان وٽ ڪنهن به آزادانه جاچ ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ ڪافي شاهديون موجود آهن

پاڪستان تحريڪ انصاف اسپيشل ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي ختم ٿيڻ تي جاري ڪيل پڌرائي وڏي اهميت رکي ٿي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي پڌرائي تي رد عمل جاري ڪندي چيو آهي ته اسان اعلان ڪريون ٿا ته اسان وٽ ڪنهن به آزادانه جاچ ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ ڪافي شاهديون موجود آهن. انهن ثبوتن مان اهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سوشل ميڊيا جو بليڪ آئوٽ يا انٽرنيٽ کي بند ڪرڻ مسئلن جو حل ناهي: امين الحق

انٽرنيٽ سروس متاثر ٿيڻ سان اربين رپين جو نقصان ٿيو منسٽري آف آئي ٽي ڪنهن به پابندي جي خلاف آهي

پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن آزاد اداري طور ڪم ڪري ٿو، پي ٽي اي پنهنجي مسئلي جو حل نه آهي اسان کي براڊ مائنڊ ٿيڻو پوندو

آئي ٽي انڊسٽري کي سهولت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي: انفارميشن ٽيڪنالوجي وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) انفارميشن ٽيڪنالوجي جي وفاقي وزير امين الحق چيو آهي ته ڪنهن به سوشل ميڊيا جو بليڪ آئوٽ يا انٽرنيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاڙڪاڻو: رتوديرو پرسان جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا قتل

ڳوٺ شاهنواز جتوئي ۾ زمين جي مالڪي تان چاچن ۽ ڀائٽي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

گوليون لڳڻ سبب پيرسن عبدالستار سندس جو پٽ سجاد ۽ عرفان جتوئي گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا

لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن پاران ٽنهي زخمين جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) رتوديرو تعلقي جي ڳوٺ شاهنواز جتوئي ۾ زمين جي مالڪي تان چاچن ۽ ڀائٽي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ گوليون لڳڻ سبب پيرسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي: رينجرز اهلڪارن تي فائرنگ ۾ ملوث ٻه افغاني گرفتار

جوابدارن ۾ احمد الله عرف گنجوزئي پٽ امير الله ۽ نور خان عرف ڇوٽا ڀائي پٽ شير خان شامل

جوابدارن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار شهيد ۽ هڪ زخمي ٿيو

ڪراچي (م د) ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ۽ رينجرز انٽيليجنس بيسڊ گڏيل ڪارروائي دوران رينجرز تي فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

موٽروي اسڪينڊل: 35 سالن کان مٽياري جي اهم سياسي شخصيت سان واسطا آهن: جوابدار جو عدالت ۾ بيان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ حيدرآباد بئنچ ۾ ايم سڪس مٽياري موٽروي ڪرپشن ڪيس بابت ٻڌڻي ٿي. جوابدار اسلم پيرزادو وڪيل معرفت پيش ٿيو. جڏهن ته نيب جي جاچ آفيسر عدالت ۾ رپورٽ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم پي او تحت پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري ڪالعدم قرار جي فوري ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم پي او جي تحت تحريڪ انصاف جي اڳواڻن جي گرفتاري ڪالعدم قرار جي فوري ٻڌڻي ڪري جي استدعا رد ڪري اڄ ٻڌڻي ڪئي ويندي. درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي، خرم شير زمان جو ريسٽورنٽ سيل

ناقص صفائي ۽ ناقص کاڌي تي ريسٽورنٽ سيل ڪيو ويو: سنڌ فوڊ اٿارٽي

خرم شير زمان ريسٽورنٽ سيل ڪرڻ جو الزام سنڌ پوليس تي لڳايو

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ خرم شير زمان جي ريسٽورنٽ کي سيل ڪيو ويو آهي. سنڌ فوڊ اٿارٽي موجب ناقص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪنڊڪوٽ لڳ ڳوٺ عبدالوحيد ڏومڪي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

حافظ عبدالحميد گولو محب گولو لکمير گولو زاهد حسين گولو احتجاجي مظاهرو ڪيو

عبدالرحيم گولو جو ڏس پتو نہ مليو اسان کي شڪ آهي تہ اسان جي پيرسن کي اغوا ڪيو ويو

اسين مسڪين پورهيت آهيون پيرسن جي گمشدگي بعد گهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي

ڪنڊ ڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ لڳ ڳوٺ عبدالوحيد ڏومڪي جي رهواسين جو پيرسن عبدالرحيم گولو جي مبينا اغوا خلاف احتجاج ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙن حافظ عبدالحميد گولو محب گولو لکمير گولو زاهد حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڊڪوٽ: ڳوٺ عبدالوحيد ڏومڪي جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳاڙهو شهر ۾ پيور بلاڪ سي سي جو ڪم ٽائون ايڊمنسٽريٽر جي نگراني ۾ تيزي سان جاري

ڳاڙهو (رپورٽر) پي ايس 78 جي ب ب ب اير پي اي حاجي علي حسن زرداري ۽ ب ب پ ضلعي ٺٽي جي سينئر نائب صدر عبدالحميد پنهور جي خاص هدايتن تحت ڳاڙهو شهر ۾ پيور بلاڪ سي سي جو ڪم ٽائون ايڊمنسٽريٽر ڳاڙهو عبدالڪريم ڪنيار جي نگراني ۾ تيزي سان جاري آهي شهر جي مختلف گهٽين ۽ محلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهدادڪوٽ ويجهو گولو واهہ پرسان اڻڄاتل جوابدارن هٿان نوجوان قتل

بهرام ٿاڻي جي پوليس مختلف ٿاڻن جي پوليس ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهتي

لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ميروخان اسپتال پهچايو ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ويجهو گولو واهہ پرسان اڻڄاتل جوابدارن ڪهاڙين جا وار ڪرڻ بعد بندوق جو فائر ڪري نوجوان کي بيدرديءَ سان قتل ڪري زمين ۾ ڦٽي ڪري فرار، اطلاع تي بهرام ٿاڻي جي پوليس مختلف ٿاڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڊڪوٽ لڳ ڳوٺ محمد افضل گولو ۾ تيز هوا سبب گهرن کي باهہ وڪوڙي وئي

جمال الدين نهال الدين غلام نبي گولو زاهد گولو صدر الدين گولو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سئو ويہ تولا چاندي ٻڪرين ڪڪڙين ۽ نياڻين جو ڪيل ڏاج بہ سڙي خاڪ ٿي ويو

ڪنڊ ڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ لڳ ڳوٺ محمد افضل گولو ۾ تيز هوا سبب گهرن کي اوچتو باهہ وڪوڙي وئي جنهن سبب چار گهر سڙي رک ٿي ويا ان سلسلي ۾ ڳوٺائن جمال الدين نهال الدين غلام نبي گولو زاهد گولو صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنڊڪوٽ: ۾ تيز هوا سبب سڙي ويل سامان نظر اچي رهيو آهي

اوٻاوڙو ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي لاءِ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي

محب وطن آرگنائزيشن پاڪستان ادارهہ برائي انساني حقوق جي فلاحي تنظيم ريلي ڪڍي

نبي بخش ڀٽي ۽ صوبي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد قابل ڀٽي پاران اڳواڻي ڪئي وئي

پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ۽ پيغام پاڪستان لاءِ ڪڍي وئي آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

اوٻاوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوٻاوڙو ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي لاءِ هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي. ريلي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائزيشن پاڪستان ادارهہ برائي انساني حقوق جي فلاحي تنظيم ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اوٻاوڙو: پاڪ فوجي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

بنا شڪ ميڊيا ملڪ جو اهم ۽ ٿيون وڏو ستون آهي: اڪبر رند

ملير (رپورٽر) بلاشڪ ميڊيا ملڪ جو اهم ۽ ٿيون وڏو ستون آهي، جنهن جي ڪري عوامي مسئلن جي ترجماني ٿيندي رهندي آهي، ڪراچي جي خوشحالي ۽ ترقي جي ضامن صرف پيپلز پارٽي هي آهي اهڙن خيالن جو اظهار گڏاب ٽائون يوسي 3 پيپر جي اپرنڊز نوجوان سياسي اڳواڻ اڪبر رند محلہ عيدو ڳوٺ جي گهٽي ۾ سيوريج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو ۾ سنڌ ٽريزري ويلفيئر سوسائٽي طرفان شرپسندن پاران حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

جان چنگيزي، شاهنواز راهپوٽو علي شير جهيجو جي اڳواڻي ۾ ٽريزري آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

پرتي ٿيل استادن جي پگهارن جي آڙ ۾ شرپسندن آفيس اندر هل هنگامو ڪري پيچ ڊاهہ ڪئي: عملدار

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ٽريزري عملدارن ۽ استاد اڳواڻن وچ ۾ ڇڪتاڻ برقرار، ٽريزري ملازمن جو استاد اڳواڻن خلاف مارچ، پريس ڪلب اڳ دادو ٽريزري عملدار ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر محمد حسن چنگيزي، شاهنواز راهپوٽو علي شير جهيجو، اياز جمالي فقير احمد خان چانديو ۽ ٻين ٽريزري آفيس کان مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سچل ٿاڻي جي حد حاجي رمضان گبول ڳوٺ ۾ ٽاسڪ فورس جي ڪارروائي، منشيات هٿ

رمضان گبول ڳوٺ ۾ نور نبي برفت ۽ زبير خاصخيلي جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي وئي

4 سائيز پيپر رم جا بنڊل ۽ اسمگل ٿيل سگريٽن سميت ٻيون شيون هٿ ڪري ورتيون آهن

گٽڪا ماوا هٿ ڪري پوليس اسٽيشن سچل ۾ ڪيس نمبر 23/567 داخل ڪري جڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سچل ٿاڻي جي حد حاجي رمضان گبول ڳوٺ ۾ ٽاسڪ فورس جي رات دير سان ڪارروائي. 25 من کان وڌيڪ گٽڪا ماوا هٿ، ٽاسڪ فورس پاران حاجي رمضان گبول ڳوٺ ۾ نور نبي برفت ۽ زبير خاصخيلي جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي وئي، ڪارروائي دوران هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن تہ 7 جوابدار فرار ٿي ويا، واضح رهي تہ 28 اپريل تي ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: پوليس جي ڪارروائي ۾ هٿ ڪيل منشيات تحويل ۾ نظر اچي رهي آهي

مڪلي ناريجا ڳوٺ جي رهواسي پيرسن سراج الدين جوکيو پاران احتجاجي مظاهرو

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي ناريجا ڳوٺ جي رهواسي پيرسن سراج الدين جوکيو مڪلي پريس ڪلب تي صحافين آڏو دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي تہ ڪافي عرصي کان سنڌس برادري جي ٻنهون ۽ سندس پاءُ گلشير پٽ عمرالدين جوکيو سندن جيئڻ جنجال ڪري سندس گهر تي چڙهاوين ڪري ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي جو والد دل جو دورو پوڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو

جيئند مگسي نئين شهر ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو، ڪارڪن ٻهتا

سياسي، سماجي ڌرين جا اڳواڻ مگسي هائوس نئين تي سندس تڏي تي پهچي ويا

ٺٽو(رپورٽر) ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جو والد جيئند مگسي نئين شهر ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو، اطلاع ملڻ تي ايس ٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ ساٿ فلاحي تنظيم پاران ڏيڻا ٻاري پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي

فلاحي تنظيم جي چيئرمين پير آغا جان آغا، ضلعي صدر شهزاد بوزدار ريلي ڪڍي

پاڪستان جي فوج تي اسان جو فخر آهي ۽ ھو اسان جا محافظ آهن: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سماجي ساٿ فلاحي تنظيم پاران ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ڏيئا ٻاري پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو، ان موقعي تي ساٿ فلاحي تنظيم جي چيئرمين پير آغا جان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ملير ۾ پيپلز پارٽي جي سينيئر ڪارڪن هاشر خاصخيلي پاران صحافي جي عيادت

هاشر خاصخيلي سينيئر صحافي آدم سريلو سان عيادت ڪرڻ لاءِ گهر پهچي حال احوال ورتو

مان اختر خاصخيلي ٽور حسن جوکيو ۽ شاعر اصغر مهرائي جو بہ شڪر گذار آهيان: آدم سريلو

ڪراچي (رپورٽر) سابقہ وائس چيرمين پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر ڪارڪن هاشر خاصخيلي ڳوٺ جي رهنماء اختر خاصخيلي پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: هاشر خاصخيلي سينيئر صحافي آدم سريلو سان عيادت ڪرڻ لاءِ گهر پهچي حال احوال ورتو

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل پاران قادر مگسي سان تعزيت

خزانچي اعظم ڀٽي، آڊيٽر مظهر خاصخيلي ۽ مرڪزي پريس ترجمان تعزيت جو اظهار ڪيو

قادر مگسي جي والد جيئند خان مگسي جي ابدي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي

حيدرآباد (پريس رليز) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، عورت جوائنٽ سيڪريٽري محترمہ عين سحر، جوائنٽ سيڪريٽري شبير سيال، خزانچي اعظم ڀٽي، آڊيٽر مظهر خاصخيلي ۽ مرڪزي پريس ترجمان اياز لطيف ڏاهو هڪ گڏيل بيان ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهہ ۽ مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي والد جيئند خان مگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سهراب ڳوٺ ٽائون ايوب بلاڪ ڊي ۾ مهيني کان ٽرانسفارمر خراب پيل

احسن آباد ڪي اليڪٽرڪ آفيس جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

مظاهرين پاران ظالمو ظلم بند ڪيو ايوب ڳوٺ جي بجلي بحال ڪيو جهڙا نعرا هنيا ويا

ايوب ڳوٺ ڊي بلاڪ ۾ مهيني کان وٺي ٽرانسفارمر بند آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي سهراب ڳوٺ ٽائون ايوب بلاڪ ڊي ۾ مهيني کان ٽرانسفارمر خراب هجڻ سبب علائقي واسين کي بجلي جي فراهمي معطل آهي بجلي جي بندش خلاف احسن آباد ڪي اليڪٽرڪ آفيس جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو سماجي اڳواڻ راڻا وقار ستار مزاري اير حنيف حاجي رفيق نويد خان جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي: متاثر رهواسي ٽرانسفارمر تبديل نہ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ماحوليات جي تحفظ واري اداري جي ٽيم پاران گجراواهہ سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو

نواب شاهہ (رپورٽر)ماحوليات جي تحفظ واري اداري شهيد بينظيرآباد جي ٽيم پاران گجراواهہ سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو ٽريٽمينٽ پلانٽ نہ هلائڻ، ميونسپل جو پاڻي بغير ٽريٽمينٽ جي گجراواهہ ۾ ڇڏڻ ۽ شهر جو گجرو غير ممنوع جاءِ تي اڇلائڻ تي انتظاميہ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريجنل انچارج سپا گل امير سنبل چيو تہ صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

قومي عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ۽ ضلعي اڳواڻن جو دورو

ننڍن وڏن شهرن ۾ سنڌياڻين جا اجلاس، تنظيم سازي ڪري نوان يونٽ قائم ڪيا ويا آهن: اڳواڻ

مرڪزي صدر زينت سمون، نصرت خاصخيلي، ناهيد جوڻي، بختاور چنڊ ۽ ٻين پاران دورا ڪيا ويا

ماضي جي خوشحال ۽ امير ترين سنڌ کي بکن حڪمرانن اڌوهي جيان کائي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

ٺٽو (ر) قومي عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ۽ ضلعي اڳواڻن وارو دورو پڄاڻي تي پهتو. ننڍن وڏن شهرن ۾ سنڌياڻين جا اجلاس، تنظيم سازي ڪري نوان يونٽ قائم ڪيا ويا. اڳواڻن قائد انقلاب پليجي جو ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن ۾ چڻن ڏينهن صاحب جي مزار تي حاضري ڀري سلامي ڏني، ان سلسلي ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ماليڪيولر ڊائيورسٽي پريزرويشن انٽرنيشنل پاران ڊاڪٽر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ خاص شمارو شايع

پاڪستان جي سائنسدان ۽ تعليمدان پروفيسر ڊاڪٽر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ خاص شمارو شايع ڪيو ويو

خدمتن جو اعتراف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري اڳوڻي وفاقي وزير پروفيسر عطا رحمان سان منسوب ڪيا ويا آهن

ڪيميا جي موضوعن تي 1315 کان وڌيڪ بين الاقوامي پبليڪيشن شامل آهن. 367 ڪتاب شامل آهن

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) معروف سوئس انٽرنيشنل جرنل پاران پروفيسر عطا الرحمان لاءِ اعزاز سائنسي ڪتابن ۽ جرنلز جي سوئٽزرلينڊ جي سپ ڪان وڏي پبلشر ماليڪيولر ڊائيورسٽي پريزرويشن انٽرنيشنل تازو ئي پاڪستان جي نامور سائنسدان ۽ تعليمدان پروفيسر ڊاڪٽر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ پنهنجي مشهور جرنل 'ماليڪيولز' جو خاص شمارو شايع ڪيو آهي. ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جوهي گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول واهي پانڌي جي اسڪول ۾ الوداعي تقريب ٿي گذري

پهرين، ٻئين ۽ ٽئين ڪلاس جي ساليانہ زباني امتحانن ۽ پنجين ڪلاس جي الوداعي تقريب ٿي گذري

ايجوڪيشن آفيسر جوهي منظور احمد سميجو شرڪت ڪئي شاگردن کان مُختلف سبجيڪٽن جا سوال پڇيا ويا

ٻهراڙي جي علائقي ڪاچي ۾ بہ بهترين اُستادن سان گڏ شاگردن ۾ پڙهڻ جي جُستجو نظر اچي پئي: منظور احمد سميجو

جوهي(رپورٽر) جوهي گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول واهي پانڌي جي ڪلاس پهرين، ٻئين ۽ ٽئين ڪلاس جي ساليانہ زباني امتحانن ۽ پنجين ڪلاس جي الوداعي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر جوهي منظور احمد سميجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جوهي گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول واهي پانڌي جي اسڪول ۾ الوداعي تقريب ٿي گذري

ڪنڊڪوٽ ڪشمور ضلعي بدامنيءَ جي ور چڙهيل آهي، شهري گهرن ٽائين محدود

ايس ايس پي عرفان سمون شهرين کي لٽجي خاموش تماشو ڏسندو رهيو، ڏوهاري آزاد

ڌميوارن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي: شهري

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ڪشمور ضلعي بدامنيءَ جي ور چڙهيل آهي روز چورين ڦرون اغوا جون وارداتون روز جو معمول بڻيل شهري گهرن ٽائين محدود ايس ايس پي عرفان سمون شهرين کي لٽجي خاموش تماشو ڏسندو رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهدادڪوٽ ۾ اصغريہ آرگنائيزيشن پاران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف احتجاج

قمبر شهدادڪوٽ پاران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مظاهرو

حيدر علي شجاعي، اياز علي هليو، عبدالفتاح لاشاري، زوار ضمير حسين هليو شريڪ

ناپاڪ وجود پيو ۽ فلسطين جي سرزمين تي قبلہ اول تي قبضو ڪري رياست قائم ڪئي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ اصغريہ آرگنائيزيشن پاران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ پاران آمريڪا ۽ اسرائيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20 شهدادڪوٽ ۾ اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان

شهدادپور: اصغريہ آرگنائيزيشن پاران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر جي نئين پنڊ گرائونڊ جي رهواسي پاران جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

علي محمد ڪورڪائي زال مسمات حسنا ۽ ٻارن سان گڏ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

جوابدار رفيق ڪورڪائي ۽ بشير ڪورڪائي گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين تي سخت تشدد ڪيو: الزام

سکر(رپورٽ, امداد علي گل ڪلوڙ) جوابدارن جي عدم گرفتاري خلاف سکر جي نئين پنڊ گرائونڊ جي رهواسي علي محمد ڪورڪائي پنهنجي زال مسمات حسنا ۽ معصوم ٻارن سان گڏ پاڪ ڪتاب کڻي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر: نئين پنڊ جا رهواسي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊائريڪٽر پرائمري پاران ٽنڊو محمد خان جي 43 گوسڙو استادن جي خلاف ڪاروائي جو حڪم

7 ڄڻن کي ڪمپلسري رٽائرمينٽ ۽ 26 استادن جون ٻن مهينن جون انڪريمينٽ ختم ڪيون ويون

حيدرآباد ريجن احمد دين ميرائي ٽنڊو محمد خان جي 43 ڊيوٽي جا فرائض انجام نہ ڏيندڙ خلاف ايڪشن

ڪمپلسري رٽائرمينٽ ۽ 26 استادن جي ٻن مهينن جون انڪريمينٽ ختم ڪري ڇڏيون آهن: ڊائريڪٽر پرائمري

ٽنڊو محمد خان (د ر) مظفر علي بروهي ڊائريڪٽر پرائمري حيدرآباد ٽنڊو محمد خان جي 43 گوسڙو استادن جي خلاف ڪاروائي جو حڪم جاري ڪري 10 استادن جي رمون فرام سروس، 7 ڄڻن کي ڪمپلسري رٽائرمينٽ، 26 استادن جون ٻن مهينن جون انڪريمينٽن ختم ڪري ڇڏيون، خبر موجب ڊائريڪٽر پرائمري تعليم حيدرآباد ريجن احمد دين ميرائي ٽنڊو محمد خان جي 43 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جيئي سنڌ محاذ چيئرمين پاران شٽر بند هڙتال جي ڪاميابي لاءِ شهرن ۾ مهم هلندڙ

سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون

اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن کي دعوتون ڏنيون. تنظيمي گڏجاڻيون ۽ پريس ڪانفرنسون ڪيون ويون

اقتداري طاقت حاصل ڪرڻ جو گوڙ آهي ۽ اقتداري ڌريون مظلوم قومن کي حق ڏيڻ لاءِ تيار ناهن: رياض چانڊيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي تہ وفاق سنڌ جي استحصال لاءِ آدمشماري جا غلط انگ اکر پيش ڪري سنڌ سان ناانصافي جي انتها ڪري ڇڏي آهي، اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ميڊيا پريس کي مخاطب ٿيندي ڪيو، هن چيو تہ سنڌ جي قدرتي پيداواري وسيلن سان گڏ سنڌ جي اصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ برسات جو وسڪارو گرمي جو زور ٽٽي ويو، گهرن ۽ دڪانن جا ڇپرا اڏامي ويا

مخدوم بلاول لڳ پيٽرول پمپ جي ڇت تيز هوا سان گڏ ڳڙي واري برسات سبب اڏامي وئي

يونين ڪائونسل يار محمد ڪلهوڙو جي ڳوٺ حاجي ماهي خان خاصخيلي سميت ٻيا علائقا متاثر

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ برسات جو وسڪارو گرمي جو زور ٽٽي ويو جڏهن تہ گهرن ۽ دڪانن جا ڇپرا اڏامي ويا دادو جي اڪثر علائقن ۾ ڳڙي سان برسات پئي مخدوم بلاول لڳ پيٽرول پمپ جي ڇت تيز هوا سان گڏ ڳڙي واري برسات سبب اڏامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اڪري جوڏڳي پوليس پاران ڳوٺ الله بخش چنو واسي کي منشيات سميت سوگهو ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس عابد چنو کي 10 ليٽر ڪچي شراب سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪندي مٿس ڪيس داخل ڪيو

پوليس جي اهڙي ڪاروائي بعد گرفتار نوجوان عابد چنو جي امڙ گلستان پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جي نوجوان کي رستي تان اڪري پوليس ڪيس گرفتار ڪري شراب رکڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

خيرپور (د ر) اڪري پوليس جي زيادتي، بيگناهہ پورهيت مٿان منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل، وارثن جو احتجاج، نوٽيس جو مطالبو، تفصيل موجب اڪري واسي پيرسن عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خيرپور: اڪري پوليس جي زيادتين خلاف متاثر رهواسي احتجاج ڪندي

ڪنديارو پرسان محبت ديرو مان اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

ڪنديارو (رپورٽر) ڪنديارو پرسان محبت ديرو مان اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ لاش تعلقہ اسپتال منتقل محبت ديرو شهر جي اسٽاپ تي مسافرخاني مان اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس لاش کي ايمبولينس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

رتوديرو جي نادر شاهہ پاڙي مان 2 مهينا اڳ مبينا طور لاپتا ٿيل نوجوان ناري جو پتو نہ پيو

ورهين جي نصرت مهيسر جو ڪو ڏس پتو نہ پيو، نياڻي جي ڳولا لاءِ والدين پاڪ ڪتاب کڻي مدد جي اپيل

پوليس ڳولا ۾ ڪا بہ مدد نٿي ڪري، آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرائين

ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو جي نادر شاهہ پاڙي مان 2 مهينا اڳ مبينا طور لاپتا ٿيل 17 ورهين جي نصرت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

رتوديرو جي نادر شاهہ پاڙي مان 2 مهينا اڳ مبينا طور لاپتا ٿيل نوجوان ناري جو پتو نہ پيو، وارث احتجاج ڪندي

بوزدارواڊا ۾ اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان ڊويزن پاران اسرائيل خلاف احتجاجي مظاهرو

بوزدارواڊا (رپورٽر) اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان ڊويزن وضلع خيرپور طرفان 16 مئي مرده باد اسرائيل جي ناپاڪ وجود جي ڏينهن مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا مظاهري کي اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان جي مرڪزي تعليم ۽ تربيت سيڪريٽري برادر سينگار علي حسيني ڊويزنل صدر منظور علي جعفري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڏڙ جي يوسي سومر خان جمالي 4 چڪ اسٽاپ وڻ اسڪول سهولتن کان وانجهيل

عبدالمجيد بروهي گورنمنٽ پرائمري بوائز اسڪول سالن کان بنيادي سهولت کان محروم

ڳوٺ عبدالمجيد بروهي کي اسڪول جي بلڊنگ ڏٺي وڃي بي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪبو

سٽ ميل(رپورٽر) تعلقہ ڏڙ جي يوسي سومر خان جمالي 4 چڪ اسٽاپ ڳوٺ عبدالمجيد بروهي گورنمنٽ پرائمري بوائز اسڪول ڪئي سالن کان بنيادي سهولت کان محروم آهي،اسڪول جي بلڊنگ نہ هئڻ ڪري معصوم ٻارڙا اوطاق ۾ تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس طرفان سکر ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

اخوت نگر سوسائٽي کان سکر نيشنل پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

رينجرس هيڊڪوارٽر پهچي سيڪيورٽي تي مقرر جوانن مٿان گل نڇاور ڪيا

سکر(رپورٽ, امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي، پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا ريلي ۾ شامل شهرين رينجرز چيڪس تي موجود جوانن مٿان گلن جي ورکا ڪندي کين خراج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: جي ڊي اي طرفان پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

تنظيم فڪر و نظر سنڌ جي صدر پاران شبيران چنہ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

شبيران چنہ عرف ماسي خيران جي ابدي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو ويو

سنڌ جي ساڃهہ وندن جي مطالبن جي باوجود سندس معياري علاج لاءِ جوڳا قدم نہ کنيا ويا

شاعرن اداڪارن ۽ فنڪارن سان حڪومت جي اهڙي بيحسيءَ تي جيترو بہ افسوس ڪجي گهٽ آهي

سکر(رپورٽ, امداد علي گل ڪلوڙ) تنظيم فڪر و نظر سنڌ جي صدر پروفيسر اصغر مجاهد مهر، حافظ فتح محمد مهيسر، پروفيسر محمد ابراهيم مهر، مشتاق علي لنڊ، نياز احمد مهر ،عبدالغفور ۽ ٻين پنهنجي هڪ گڏيل بيان ۾ سنڌ جي ناليواري اداڪاره ، پنهنجي فن جي ذريعي سنڌي مائٽن جي دلين تي راڄ ڪندڙ ،سنڌي ڊرامن کي نوان رخ ۽ نکار ڏيندڙ شبيران چنہ عرف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

فنڪارا فرزانہ عرف بختاور علي پاران هنگامي بنيادن تي پنج لک جي گهر

مون کي 5 لک ڏنا وڃن تہ مان پنهنجو علاج ڪرائي سگهان: فنڪاره

طبيعت خراب ٿيڻ ڪري آغا خان اسپتال ۽ ڊائو اسپتال مان مختلف ٽيسٽون ڪرايو آهن

ملندڙ وظيفو پڻ مرحوم راڳي جي خاندان کي ڏنو وڃي تہ جيئن هو گهر جو چلهو ٻاري سگهن

سکر(رپورٽ, امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي مشهور راڳي فنڪارا فرزانہ عرف بختاور علي سنڌ جي ثقافت ۽ صحت کاتي جي وزيرن سيڪريٽريز سميت لاڳاپيل اختيارن کي اپيل ڪئي آهي تہ کيس هنگامي بنيادن تي پنج لک روپيا ڏنا وڃن تہ جيئن هو علاج ڪرائي سگهي سکر ۾ پنهنجي گهر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي نوجوان فنڪارا فرزانہ عرف بختاور علي ٻڌائو تہ 2017 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 17 مئي 2023ع

"زنجيرِ عدل" نما گورنر هائوس واري "گهنٽي"

بادشاهہ تہ وري بہ بادشاهہ آهن ۽ سنڌ جا اختيار ڏٺي بہ پاڻ کي بادشاهہ ٿا سمجهن ۽ اها ٻاڙ پوري ڪرڻ لاءِ قديم بادشاهن جي پيروي ڪندي، سستي شهرت لاءِ اهي ئي قدم کڻن ٿا. اهو سوچڻ کان سواءِ تہ اڳوڻو دور ٻيو هو ۽ هي جديد دور آهي. هي ٽيڪنالاجي جو تيز ترين دور آهي. پر بادشاهن کي ڪير سمجهائي، جيڪي جمهوري دور ۾ بہ پاڻ وهيٽن اڳوڻن بادشاهن جي پيروي ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. اهڙو ئي هڪ قدم سنڌ جي گورنر بهادر پڻ کنيو آهي. سنڌ جي گورنر بہ "جهانگيري عدل" جو مثال قائم ڪرڻ لاءِ گورنر هائوس ٻاهران "گهنٽي" لڳرائي آهي ۽ خبرون آهن تہ 21 ڄڻا "عدل جي گهنٽي" وڄائي "ظلِ سبحاني" وٽ فريادي ٿيا ۽ عاليجاهہ انهن جي فرياد کي ٻڌي لاڳاپيل ادارن کي فون ڪيا.

اسان جو الميو اهو آهي تہ، هتي حقيقي معنيٰ ۾ عوامي تاريخ ناهي لکي ويئي. صرف چند مورخن کي ڇڏي باقي ٻين تاريخ سان اهڙي ڪار ڪئي، جو ماڻهن جو تاريخ تان ويساهہ ئي کڄي ويو آهي. تاريخ ماضيءَ ۾ ليٿو پاڻ جي ڳڙکي آهي، پر اهو تاريخدان تي منحصر رهيو آهي تہ اهو اسان کي تاريخ جو ڪهڙو لقاءُ ڪيئن ڏيکاري ٿو! اهو دور جڏهن گڏيل هندستان ۾ بادشاهتون قائم هيون، ان دور ۾ درٻاري تاريخون لکيون وينديون هيون (۽ گهڻي ڀاڱي هاڻي بہ). ۽ راوي "سڀ سک چين" لکندو هو. انهن تاريخدانن جو قلم بادشاهہ سلامت جي جنبشِ ابرو جو مطيع هوندو هو. انهن تاريخدانن جي مرضي هوندي هئي تہ اهي ڪنهن بادشاهہ لاءِ اهو بہ لکي ڇڏين تہ بادشاهہ سلامت ٽوپيون ناهي گذر ڪندو آهي. اها تاريخ پڙهبي تہ خبر پوندي تہ سمورا مسلمان بادشاهہ صوم ۽ صلوات جا پابند هئا. پوءِ ڀلي انهن پنهنجا پاڻ [illegible]

[illegible]

سان ڇوٽو ٿو پوي تہ قانون جي عملداري تہ پري جي ڳالهہ. قانون پنهنجي وجود جي ثابتي بہ ڏيئي نہ سگهيو آهي. ان ڪري اها ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ، سستي شهرت لاءِ دربار لڳائڻ سان مسئلاحل ڪونہ ٿيندا. ان لاءِ قانون جي عملداريءَ کي يقيني بڻايو وڃي. حڪمراني، دلپشوري نہ پر عوام جي خدمت جو نالو آهي.

هاڻ اڇوت ڳالهائيندو!!

خليل ڪنڀار

تازو ڪنهن دوست آرٽيفيشل انٽيليجنس وسيلي موهن جي دڙي جون اهڙيون خوبصورت تصويرون ٺاهيون، جو اهي تصويرون اسان کي انهن گهٽين ۾ وٺي ويون، جڏهن اسان جا شهر مينهن وانگر پيا وسندا هئا ۽ اسين انهن ۾ سک پئي وسياسين.

آئون ڏاندن گاڏي جوٽي
موهن جي بازار وڃان ٿو
ساري وستي شڪ وسي ٿي
ڌرتي هڪڙو خواب ڏسي ٿي

اوچتو آريا اسان تي حملي آور ٿي آيا. انهن اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو ۽ اسين ڌرتيءَ واسي راڪشس ٿياسين ۽ هو اتم ذات آقا بڻجي ويا. اسين پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اڇوت ۽ شودر بڻجي دربدر ٿي رهجي وياسين. اسان جون ذاتيون اسان لاءِ گار بڻايون ويون. مڇلا، سانسي، ٻجير، ٻاگڙي، ماڇي، سوٿهڙ، خاصخيلي، ڪنڀار، ڪوري، ڪولهي، ٻڙها، سامي، ڪبوترا، ڀيل، ميگهواڙ، اوڏ ۽ حجام جي ذات تي لطيفا ٺاهيا ويا. انهن جي تذليل ڪئي وئي. انهن سان هتڪ آميز سلوڪ جو رواج عام ڪيو ويو پر هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي تہ انهن گارين جو تجزيو ڪيو وڃي. هاڻي اسان کي اها همٿ ڪرڻي پوندي جو جڏهن بہ حملي آورن جي باقيات اسان کي ڪسبي جي گار ڏي تہ اسين هن کي ڪنهن حملي آور ۽ قبضہ گير سان ملندڙ سنڌس شجرو ياد ڏياريون. ان سان گڏ ڪيس اهو بہ ياد ڏياريون تہ اسين شهر اڏڻ جو هنر ڄاڻون ٿا ۽ اسين ئي تهذيب ۽ ثقافت جا خالق آهيون. اسان جي ورثي ۾ موهن جو دڙو، ڍولا ويرا ۽ لوٿل جهڙا شهر آهن. اسان وٽ نوهتي جا آثار اڄ بہ موجود آهن. اسين انهن کي ياد ڏياريون تہ اسان وٽ ڪارونجهر جبل ۽ رڻ آهن. اسين ئي اهي ماڻهو آهيون، جن پڪ ۾ پاڻي پيئڻ جي پيالو جوڙي ڏنو اسان ئي انسان کي اُگهاڙن پيرن ۾ جتي پارائي. اهي اسين ئي آهيون، جن انسانن جا وار سنواريا. اسان ئي انسان جي اگهاڙي تن لاءِ اوڇڻ ٺاهيو. ان جا انگ ڍڪايا. اسان ئي غارن ۽ جهنگن ۾ رهندڙ انسان کي گهر اڏي ڏنا ۽ انهن گهرن لاءِ خوبصورت در ۽ دريون جوڙيون. پٽ تي سمهندڙ انسان کي کٽ ناهي ڏني. انسان کي مهذب بڻائيندڙ اسان جن قبيلن کي وحشي، قاتل، رت چوس ۽ قبضہ گيرن چيو اوهين نيچ آهيو اوهين شودر آهيو اوهين ڪسبي آهيو. اوهين اڇوت آهيو انسان کي مهذب بڻائيندڙ قبيلن کان انهن جا ڳوٺ، شهر ۽ وطن کسيا ويا. اهي پنهنجي ئي وطن ۾، پنهنجي ئي ديس ۾ هڪڙي گار بڻجي رهجي ويا.

اڄ بہ آرين جو تسلسل ڳوٺن ۽ شهرن ۾ انهن تهذيب جي اڏيندڙ قبيلن لاءِ هتڪ آميز جملا ورجائيندا رهندا آهن. اسين زنجيرن جي قيد مان تہ نڪري آياسين پر انهن جملن جي قيد کي اڄ بہ ڀوڳي رهيا آهيون.

تون تہ ڪو ڪوچڙو آهين.
تون تہ ڪو مڇلو آهين.
هل هتان سانسي.
لڄڻ ڏس لڄڻ، جهڙو سامي هجي.
اڙي مون سان ايئن چو ٿو ڳالهائين، آئون ڪو ڪولهي آهيان ڇا؟
هل ڍيڍ ڍيڍ جا پٽ! يا ڪنو ڪر هميشہ ڍيڍ ڪان وٺجي.
هي ڪڇي مٽي، لڏ جوندڻ وارو پاڻ کي ڇا ڪندو!
هل گولاڙا، گول هميشہ هيٺان ڪان پڇندي آهي.
ماڇيءَ جو ڪتو سوئر جي پاسي يا پاڳن جو ٽيو ڪارو منهن، ٺڏهن ماڇين ڏاريون مينهون.
ڇوڙو ڪنهن کي نہ اوڏو.
ملوتہ بہ تيل، شلوتہ بہ ڀيل.
هل پيٽان پينو مڱڻهار.

ڌرتيءَ جي اصل وارثن کي هي ۽ ههڙا ڪيئي جملا روز ٻڌڻا ٿا پون.

"راجا راڪاس ٿيندا، گولا پيئندا گيہ" جهڙا انسانيت جي تذليل ڪندڙ پورهيت دشمن شعر بہ مقبول عام آهن. جنهن سان ڪنهن پورهيت جي ذات جي سڪيائيءَ تي چٽر ٿيل هوندي آهي. جڏهن بہ ڪو پورهيت پنهنجي محنت سان، علم سان، ڪاروبار سان سڪيو ستابو ٿيندو آهي تہ چوندا هي تہ پيچ ڊاٿو آهي. پر هاڻي ڳالهائڻ جو وارو اسان جو آهي. هاڻي اهو اسين طئہ ڪنداسين تہ طنز جي قابل ڪير آهي؟ اوهين جيڪي بکون ڪڙهي اسان جي سڪيڻي ستابي وطن مٿان حملي آور ٿي آيا يا اسين جيڪي اوهان جي قبضہ گير ذهنيت سبب پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن ٿي رهجي ويا آهيون! هاڻي اهو بہ اسين ئي طئہ ڪنداسين تہ خانداني ڪير آهي؟ اهو جنهن جي ذات ٻڌڻ سان انسان جي ذهن ۾ آرٽ، ڪلا، رقص، علم، شرافت ۽ انسان دوستيءَ جو تصور اڀري اچي يا اهو جنهن جي ذات ٻڌڻ سان انسان جي ذهن ۾ وحشت، نفرت، خون، قبضہ گيري، ظلم ۽ ڦرلٽ جو تصور اڀري اچي!

اهي زمين زاد، جيڪي وڏين ڪرسين تي وڏن عهدن تي پهتا آهن، انهن تي اهو فرض آهي تہ اهي ڪوڙي حسب نسب سان معتبر بڻيلن جي غرور کي خاڪ ۾ ملائين ۽ جڏهن انهن جي آفيسن ۾ ڪو پٽيل مانو مل ڪولهي اچي، ڏنجي سانسي اچي، سومجي ڀيل اچي، سانوڻ ڪوچڙو اچي، سارنگ ٻجير اچي تہ انهن کي آفيس ۾ پنهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويهارين، انهن کي پنهنجي ساسر واري ڪوپ ۾ چانهہ پيارين ۽ انهن کي آفيس جي دروازي تائين ڇڏڻ وڃن. هاڻ ڌرتيءَ ڌڻين جي پنهنجي ئي وطن مان جلاوطني ختم ٿيڻ گهرجي. ڪرسين تي ويٺل حملي آورن ۽ سڀني منصب تي ويٺل وطن ڌڻين جي رويي جو فرق چٽو ۽ واضح هجڻ گهرجي. وقت اچي ويو آهي جو اقتدار جي مسندن تي قابض ٿيلن کي ٻڌايون تہ سامي، ڪبوترا، سانسي، مڇلا، ڪوچڙا، حجام، ڪوري، اوڏ، ميگهواڙ، سوٿهڙ، ڪولهي، ڀيل، ڪنڀار، خاصخيلي ۽ ٻجير جي ذات ڪائي گار ناهي، بلڪہ وڏي فخر سان پنهنجن نالن سان گڏ پنهنجون ذاتيون لکو اگر اسين پنهنجي تاريخ جي اڳيان شرمسار هجون ها تہ پنهنجي ذات لڪايون ها. اسين پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ ۽ تهذيب اڳيان قطعي شرمنده ناهيون.

هڪڙي ڳالهہ مون شدت سان محسوس ڪئي آهي تہ حملي آورن جي تسلسل نہ رڳو اسان جي ذاتين کي نفرت لائق سمجهيو پر هنن وڏي حڪمت عمليءَ سان اسان کي ايڏي شديد احساس محروميءَ ۾ ڌڪيو جو اسان بہ ان کي قبول ڪندي ڪڪرائي، سڪرائي، ڪڪرائي ٿي ويا آهيون ۽ پنهنجين ذاتين کي لڪائڻ لاءِ اسان پنهنجن اصل سنڌي نالن سانوڻ، سارنگ، همير، لکمير بجاءِ حملي آورن جي نالن کي اپنائي ويٺا آهيون. اسين جيڪي پاتال سان لڳي وري واپس وريا آهيون. انهن کي گهرجي تہ انهن ذاتين، انهن نالن، انهن ريتن، انهن رسمن کي ٻيهر ساڳيا اوج بخشيون، جن کي بچائيندي اسان جا نسل جهنگلن ۾ رلي دربدر ٿي ويا، پر پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجن نالن، پنهنجي ذات ۽ پنهنجي وطن تان دستبردار ڪو نہ ٿيا ۽ اسين ان سڄي جدوجهد تان، انهن سڀني رولڙن تان ايترو جلدي ڪيئن دستبردار ٿي رهيا آهيون.

طاقتن تلوار وقت ڦيرايو گهڻو
هوءَ مگر هڪ جاءِ تي ٽڪي بيٺي رهي
رامڪي بازار ۾ مانڪي بيٺي رهي

ايئن ڪونهي تہ ننگرپارڪر جي بازار ۾ پولڪو ۽ پڙو پائي گهمندڙ ڪولهڻ جو ويس، ديس، ٻولي، ذات ۽ نالو ڪنهن معجزي سان بچي ويا آهن. ان جي پويان پنجيتيهہ سئو سالن جي اذيتناڪ دربدريءَ ۾ ثابت قدم رهندڙ ماڻهن جي قربانين جو ڏکن داستان آهي. انگريز پنهنجو حسب نسب ڪنهن حملي آور سان جوڙڻ بجاءِ هن ڌرتيءَ سان جوڙيو هن وطن سان جوڙيو هن ڌرتيءَ جو اولاد هجڻ فخر لائق آهي. گار تہ اهو شجرو آهي، جيڪو ڪنهن نادر شاہ سان ٿو ملي، ڪنهن ترخان سان ٿو ملي، ڪنهن پورچوگيزي سان ٿو ملي، ڪنهن آريي سان ٿو ملي، ڪنهن ارغون سان ٿو ملي. اهو جهڙي قابل نفرت ناهي، جنهن ۾ اهو پورهيت ٿو رهي، جنهن پنهنجو ويس نہ بدلايو، پنهنجي ٻولي نہ بدلائي، پنهنجي اصليت تان دستبردار نہ ٿيو پر قابل نفرت آهي اهو محل، جنهن ۾ سر، خانبهادر ۽ خانصاحب جو لقب اڄ بہ ٽنگيل آهي ۽ پاڻ سڀ ڄاڻون ٿا تہ اهي لقب ڪهڙن ماڻهن کي ملندا رهيا آهن. هي جيڪي وڏيون زميندارون ۽ وڏيون جاگيرون آهن. انهن جي هر پنجن ايڪڙن جي پويان اسان جي هڪڙي سِسي آهي. انگريز جو انگريز بهادر هر باغيءَ جي سر جي قيمت پنج ايڪڙ رکي هئي. هاڻي سمجهي وڃو تہ انهن هزارين ايڪڙن جي جاگيرن جي پويان اسان جا ڪيترا سر آهن. اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ زمين زادن جا ڳوٺ ڪٿي آهن. پيشہ ور قاتل ۽ دلال ڪٿي وسن ٿا. هي جيڪي چوندا آهن اسين خانداني آهيون، اهي اصل ۾ خانداني غدار آهن يا خانداني پيشہ ور قاتل آهن. اسان جي ڄاڻ جي موسم ٿر ۽ پارڪر جي موسم وانگي تند آهي. اسين ڪارونجهر جي منهن زور ندين وانگر وهندڙ آهيون. اسان جي ڄاڻ جو عمل ڪولهين جي راسوڙي وانگر روايت ۾ ڪتل آهي. سنڌ جو اولاد پنهنجي گيتن ۽ ناچ جي طاقت سان پنهنجي وطن جي وارثي واپس وٺي رهيو آهي، اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن اسين اليڪشن جي ڏينهن غلامن وانگي قطار ناهي، پنهنجو آقا چونڊڻ بجاءِ، پنهنجي ڌرتيءَ جا پاڻ ڌڻي هونداسين ۽ خانبهادرن، خانصاحبن ۽ سَرن جي اولاد جون پڳون هوا ۾ پيون ڦڙڪنديون. آئون سچ ٿو چوان تہ سنڌ اسان جي ڳوٺن کان شروع ٿئي ٿي، جتي مور اسان سان گڏ رهن ٿا. اسان جا ٻار ۽ هرڻ هڪ ئي وقت پنهنجي پيلڻ ماءُ جو کير پيئن ٿا. جتي ڪلا آهي، جتان ناٽڪ شروع ٿئي ٿو اسان جون ڳليون ناٽڪ گهر آهن. اسين اڄ بہ شهرن کي رقص ۽ ناٽڪ سيکاري سگهون ٿا. اسان جي ڳوٺن بندوق جي گولي ناهي ڏٺي. اسان جي ٻچن ۽ هرڻن جي جسم ۾ بندوق جي گولي نہ اڄهايو.

هڪ قاتل جي اختيار ۽ ڪلاڪار جي اختيار ۾ فرق هجڻ گهرجي. حملي آور تلوار قتل لاءِ گهمائيندو آهي پر ساڳيون تلوارون هڪڙي مڱڻهار وٽ هونديون تہ هو انهن کي ساز بڻائي ڇڏيندو. اسين امرڪوٽ ۾ مائي ڍائيءَ جي صدا جي روپ ۾ واپس موٽيا آهيون. اسين ڄاڻون ٿا تہ مليءَ جو چنڊ صادق فقير جي باجي تي لهي آيو هو توهان ڇا ٿا سمجهو تہ جيڪڏهن سنڌو درياهہ سنڌو ملاحن جي اختيار هيٺ هجي تہ اهو ايئن سڪل سڪل هجي ها. نہ قطعي نہ! اهو ڇوليون هڻندو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ها، ڇو جو هڪ ملاح ئي اهو ڄاڻي ٿو تہ سمنڊ لاءِ مٺو پاڻي ڪيترو ضروري آهي. جي ملاحن جو وس پڄي تہ ڇا منڇر ايئن برباد ٿئي ها. نہ، قطعي نہ! توهان ڇا ٿا سمجهو جيڪڏهن اختيار ڪولهين، ميگهواڙن، ڀيلن ۽ ڪنڀارن وٽ هُجن ها تہ ڪارونجهر ايئن برباد ٿئي ها؟!

حالات جي ستم ظريفي اها آهي جو حملي آورن جي هٿان جن ماڻهن جا شهر غرق ٿي ويا، اهي ماڻهو اڄ تائين لاڏائو آهن. انهن وطن جي وارثن وٽ رهڻ لاءِ ڌرتيءَ تي قبر جيتري جاءِ بہ ناهي. اهي واهن، رودن ۽ سم نالن جي ڪندن ڪنارن تي زندگي گذاري رهيا آهن. سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن کان تہ شڪايت ئي ناهي، افسوس اهو آهي تہ اسان جي دانشورن بہ انهن ماڻهن کي وساري ڇڏيو آهي. اسان جي شاعرن اسان جا گيت ٻڌا ان ٻڌا ڪري ڇڏيا .اسان کي پنهنجن ٻچن لاءِ صاف ۽ مٺو پاڻي گهرجي، اسڪول ۽ ناٽڪ منڊليون گهرجن. اسين واعدو ٿا ڪريون تہ اسين هن ڌرتيءَ کي سڄائي ڇڏينداسين.

سائُرِ صِحتَ سُپرِين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِلو ٿئي، ڪوٺيندي ڦهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

منڇر ڍنڍ جي بحاليءَ جا امڪان!

محمد ادريس راجپوت

واپڊا وارن 1976ع ۾ دادو واري علائقي مان سم گهٽائڻ لاءِ هڪڙي اسڪيم جنهن جو نالو "ٽارٽ سرفيس ڊرين" هو هُن اِن جو نيڪال مين نارا ڊرين ذريعي منڇر ڍنڍ ۾ تجويز ڪيو ۽ سنڌ سرڪار اعتراض ڪيو تہ، اهو پاڻي منڇر ۾ وڃڻ سان منڇر جو پاڻي خراب ٿي ويندو. واپڊا وارن ٻڌايو تہ ڪنسلٽنٽ جي رپورٽ موجب، پاڻي جي لوڻياڻي ليول جي گهربل ليول 7005 هارٽ پر ملين (P.P.M) کان نہ وڌندي. جڏهن تہ پاڻي تہ گهربل ليول کان 15000 (P.P.M) هو. اها اسڪيم شروع ڪئي وئي ۽ 1992ع ۾ پوري ٿي. جڏهن تہ پئڻ جي ليول 1510 (P.P.M) هئي. سال 1992ع ۾ اها ليول 3500 (P.P.M) ٿي وئي. انهيءَ ڪري منڇر جو پاڻي خراب ٿي ويو ۽ منڇر جي پاڻي تي پاڙيندڙ وارا مهاڻا ۽ آبادگار برباد ٿي ويا. جن جو گاڏو انهيءَ پاڻي جي ڪري هلندو هو. پکي پکڻ ۽ جيت جڻيا متاثر ٿيا. ڪيترا مهاڻا ۽ آبادگار لڏي ٻئي هنڌ هليا ويا. غرض تہ منڇر تي گذران ڪرڻ وارا متاثر ٿيا. انهن نقصانن کي نظر ۾ رکندي واپڊا وارن هڪ اپياس ڪرايو ۽ ڪو ٻيو منصوبو تجويز ڪيو. جنهن جو نالو رائيٽ فيڊر آئوٽ فال ڊرين (R.B.O.D) رکيو ويو. انهيءَ مطابق مين نارا ويلي ڊرين کي RBOD ۾ تبديل ڪري انهيءَ جو ڇوڙ منڇر مان هٽائي انڊس لنڪ ذريعي سيوهڻ شريف جي رستي سنڌو درياءَ ۾ رکيو ويو. جا ٿابل منصوبي جي ڪري منڇر تہ بچي ويندي. منڇر جو تہ بچاءُ ٿي ويندو پر سنڌو درياءَ جو پاڻي خراب ٿي ويندو پر وري خاطري ڏياريائون تہ ايئن نہ ٿيندو ۽ انهيءَ منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڏنائون ۽ انڊس ڪڇي جي بند تائين ناهي ويا.

انهيءَ وچ ۾ چوماسي جا مينهن گهٽجڻ ڪري درياءَ ۾ ايترو وهڪرو گهٽجي ويو ۽ اهو منڇر مان ايندڙ پاڻيءَ کي تازي ڪرڻ ۾ ناڪافي ٿي ويو ۽ انهيءَ بڻنڪ مان ايندڙ پاڻي سنڌوءَ ۾ پوڻ ڪري انهيءَ پاڻيءَ کي خراب ڪري ٿي سگهيو. سنڌ حڪومت وارن پراڻا اعتراض ورجايا پر واپڊا وارن نہ مڃيا. آخر فيصلي جو معاملو فوجي سربراهہ جنرل پرويز مشرف تائين پهتو. جنهن سال 2000ع ۾ واپڊا وارن ۽ سنڌ حڪومت وارن جا رايا ٻڌا. جنرل پرويز مشرف ڪافي بحث ڪان پوءِ سنڌ حڪومت جو اهو اعتراض مڃيو تہ آر بي او ڊي جو ڪارو پاڻي سيوهڻ شريف کان ئي سنڌو درياهہ ۾ وجهڻ ڪري سيوهڻ شريف کان هيٺ سنڌو درياءَ جو پاڻي خراب ٿي ويندو. جنهن ڪري ڪوٽڙي بئراج جي آبادي ۽ اٽڪل ٽري لک ايراضي ۽ حيدرآباد. ڪراچي جو پاڻي متاثر ٿيندو. پر هن سوال پڇيو تہ انهيءَ صورتحال کان بچڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ سنڌ حڪومت وارن ٻڌايو تہ ايل بي او ڊي وانگر ان جو ڇوڙ بہ ساحلي ڪپ تي وڏو سم نالو ڪوٽي سمنڊ ۾ ڪيرائجي. واپڊا وارن ٻڌايو تہ، اهو تمام ڏکيو ڪم هوءِ ۽ انهيءَ تي اٽڪل 8000 ارب رپيا خرچ ايندو. انهيءَ تي هن (جنرل پرويز مشرف) فيصلو ڪيو تہ سنڌ حڪومت وارا ۽ فوجي ڪور جا انجنيئر انهيءَ ڳالهہ تي تفصيلي جائزو وٺن تہ اهو خرچ ممڪن هوتہ آر بي او ڊي جو پاڻي ساحلي ڪپ تي وڏو سم نالو ڪوٽي سمنڊ ۾ وجهي سگهجي ٿو اهو بہ جاچين تہ انهيءَ تي خرچ بہ گهٽ ايندو ۽ انهيءَ فيصلي ڪان پوءِ سنڌ آبپاشي کاتي ۽ پنجين ڪور جي انجنيئرن انهيءَ نقطي جو خيال رکي جائزو ورتو

(1) ڇا انهيءَ سم نالي کي لنگهائڻ لاءِ سنڌوجي ساحلي ڪپ تي رستو هو؟ (2) ڇا انهيءَ کي ڇوڙ ڪرائڻ لاءِ مناسب جڳهہ هئي. (3) ڇا اهو گهٽ خرچ تي ٺهي سگهندو؟ (4) ڇا اهو پاڻي بنا پمپن جي قدرتي طور وهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري سگهندو؟

انهيءَ جي يڪراءِ رپورٽ موجب، سنڌ جي ساحلي پاسي ڪٿي وڃڻ لاءِ جاءِ هئي؟ اهو پاڻي قدرتي نموني وهي سمنڊ ۾ وڃي سگهي پيو ۽ پمپن جي ڪا ضرورت نہ هئي. انهيءَ جو ڇوڙ گهاري وٽ گهاري ڪريڪ رستي سمنڊ ۾ وڃي سگهي پيو ۽ انهيءَ تي خرچ رڳو 14 ارب رپيا ايندو. هنن وڌيڪ ڄاڻايو تہ اهو ٽن ٿي سگهندو جڏهن انهيءَ منصوبي کي تڪڙي رفتار سان هلايو وڃي. ڇڻ سالن ۾ گهربل فنڊ ڏنا وڃن ۽ وفاقي حڪومت پئسا بنا دير جي گرانٽ طور ڏئي، ايئن نہ ٿيو تہ خرچ 14 ارب رپين ڪان وڌي ويندو.

چيف ايگزيڪيوٽو کي جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌايون ويون تہ هو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ واپڊا وارن کي انهيءَ منصوبي جي غلط ڪاٿي تي ننديو ۽ مين منصوبي تي عمل ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ جيئن تہ اهو منصوبو آبپاشي کاتي ۽ فوجي انجنيئرنگ ٺاهيو هو تہ اهي گڏجي ان کي نهرائين. فوجي انجنيئرن ۽ آبپاشي کاتي وارن ان جو پي سي ون 14 ارب رپين جو منظور ڪرايو جنهن موجب هڪ ڪلوميٽر ڊرين سيوهڻ کان گهاري تائين ناهڻي آهي. آر بي او ڊي کي سمنڊ ۾ ڪٽي وڃڻ جو اهو تيز رفتار منصوبو هو جيڪو پنجن سالن ۾ پورو ڪرڻو هو. انهيءَ لاءِ پهرين سال بہ ارب رپيا مليا ۽ باقي ٽن سالن ۾ 4 ارب رپيا گهربل هئا. ايڪنيڪ انهيءَ جي منظوري ڏني ۽ پئسا گرانٽ طور ڏيڻ منظور ڪيا. منصوبو گذريل سال تائين ڪان اڳ ئي صورتحال منجهڻ لڳي. آبپاشي واري منڇر جي انهيءَ منصوبي لاءِ تمام گهٽي جاکوڙ ڪئي، هو 19 نومبر 2001ع ۾ رٽائرڊ ٿي ويو جنهن کي ڇهہ مهينا ايڪسٽينشن ڏنائون پر هو نامناسب حالتن هجڻ ڪري استعيفيٰ ڏئي هليو ويو فوج جو انجنيئر آصف غزالي جيڪو هن منصوبي کي سپورٽ ڪري بيٺو هو بدلي ٿي ڊفينس اٿارٽي جو ايڊمنسٽريٽر ٿي ويو انهيءَ جي جاءِ تي هڪ تازو ٿيل برگيڊيئر آچي ويو ۽ هڪ سال ۾ چار سيڪريٽري مٽايا ويا. چڻ ميوزيڪل چيئر پئي هلي ۽ نتيجي ۾ آبپاشي انجنيئرنگ ۽ فوجي انجنيئرنگ جي مفاهمت ختم ٿي وئي، يعني گڏجي ڪم ڪرڻ جي. پهرين مالي سال يعني 2002ع تائين وفاقي حڪومت بجيٽ ۾ پهرين مالي سال يعني 2002ءَ وفاقي منصوبي لاءِ بجيٽ ۾ 900 ملين رپيا رپيا ۽ خرچ لاءِ 4.5 ملين رپيا رليز ڪيا. اهي بہ ڪل خرچ نہ ٿي سگهيا. ٽن سالن کان پوءِ هڪ ارب رپيا رکيا ويا، پر ان وقت تائين رليز نہ ٿيا.

سنڌ جي زراعت کاتي جي جياپي ۽ ترقيءَ لاءِ آبپاشي نظام ۾ سڌارو ۽ واڌارو ڪرڻ لاءِ ڪاري پاڻي کي سمنڊ ۾ نيڪالي تمام ضروري آهي. ڪاري پاڻي جي سمنڊ ۾ نيڪاليءَ لاءِ ڪاهي ۽ سڄي ڪپ وارين سم ناليون ضروري آهن. ڪاهي پاسي واري سم نالي يعني آر بي او ڊي مڪمل ڪئي وڃي. سنڌ جو مفاد انهيءَ ۾ آهي تہ ساڄي پاسي واري سم نالي جي رفتار تيز ڪئي وڃي، چاهي پوءِ آبپاشي وارا انجنيئر گڏجي ڪم يا اڪيلي سر ڪم ڪن جيڪڏهن ٻئي ڌريون مفاهمت ۽ پائيداري سان ڪم ڪن تہ تمام سنو جو چوندا آهن تہ بہ تہ ٻارنهن. ٻنهي ڌرين ۾ مفاهمت صفا ڪانهي، جيڪڏهن هڪڙي ڌر جي حوالي ڪيو وڃي تہ جيئن جوابداري هڪڙي تي ٿئي. جيڪڏهن اهو بہ نہ ڪيو ويو تہ خوف آهي تہ اهو منصوبو رلي وڃي. جيڪڏهن ايئن نہ ٿيو تہ منڇر وارا برباد ٿي ويندا ۽ ان سان گڏ ڪراچي ۽ حيدرآباد کي پيئڻ جو پاڻي نہ ملي سگهندو. ڪوٽڙي بئراج تي آباد ٿيندڙ اٽڪل 30 لک ايڪڙ ايراضي منڇر جيان تباهہ ٿي ويندي.

آر بي او ڊي جي ترقي انهيءَ ۾ آهي تہ اهو منصوبو جلد مڪمل ٿئي. جيستائين اهو مڪمل نہ ٿيندو، منڇر وارا بحال نہ ٿيندا. اسان کي کپي تہ آر بي او ڊي کي جلد مڪمل ڪريون تہ تہ منڇر وارا مهاڻا ۽ آبادگار رلي ويندا ۽ منڇر بحال ٿيڻ ممڪن نہ ٿيندي.

بقايا 01 ***

حالتون ئي اهڙيون هيون جو يقين نہ هو تہ عدالت پهچي سگهندس، اڄڪلهہ تہ سوشل ميڊيا بہ نہ پئي هلي تہ ڄاڻ ملي سگهي، چيف جسٽس چيو ڏريون مواد جمع ڪرائين. جيڪڏهن فراهم ڪيل مواد تي عدالت ڪنهن نتيجي تي پهتي تہ آگاهہ ڪنداسين. نيب ترميمن جي ڪيس جون اڄ 46 ٻڌڻيون ٿي چڪيون آهن. جنهن ۾ خواج حارث 26 ۽ مخدوم علي خان 19 ٻڌڻين تي دليل ڏنا. ڪيس کي وڌيڪ ٿا ٽنگڻ چاهيون. چو تہ عدالتي موڪلن ۾ شايد بئنچ هڪ ئي وقت هتي موجود نہ هجي. نيب قانون ۾ ڪيترين ئي شيون درست آهن. ڪجهہ غلطيون آهن. جن تي فيصلو ڏينداسين چيف جسٽس چيو خواجا حارث نيب ترميمون ڏسي پائي تہ غلطي ڪهڙي آهي ۽ بنيادي حقن جي پيچڪڙي ڪٿي ٿي آهي. پنهنجي پاران اهو طئي ٿا ڪري سگهون تہ نيب قانون ۾ تبديلي سان بنيادي حق متاثر ٿي ويا. عمران خان جي وڪيل چيو تہ حڪومت نيب قانون ۾ ڪالهہ ٽين ترميم ڪئي آهي. جنهن تي چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا حڪومت بہ تہ اسان جو امتحان وٺندي پئي وڃي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 02 ***

موقعي تي انڪشاف ٿيو تہ چيف جسٽس جي پگهار وزيراعظم ۽ وفاقي وزيرن ڪان بہ وڌيڪ آهي. پي اي سي چيئرمين نور عالم خان تفصيل پڙهندي ٻڌايو تہ صدر عارف علوي جي پگهار 8 لک 96 هزار 550 روپيہ آهي. وزيراعظم جي پگهار 2 لک 1 هزار 574 روپيہ آهي. وفاقي وزير جي پگهار 3 لک 38 هزار 125 روپيہ آهي، قومي اسيمبلي ميمبر جي پگهار 1 لک 88 هزار روپيہ آهي جڏهن تہ چيف جسٽس پاڪستان جي پگهار 15 لک 27 هزار 399 روپيہ آهي. پي اي سي چيئرمين ٻڌايو تہ سپريم ڪورٽ جي جج جي پگهار 14 لک 70 هزار 711 روپيہ آهي. گريڊ 11 جي وفاقي آفيسر جي پگهار 5 لک 91 هزار 475 روپيہ آهي. نور عالم خان وڌيڪ ٻڌايو تہ انهن سمورن عهديدارن جون وڌيڪ مراعتون ڌار آهن.

بقايا 03 ***

بابت بريفنگ ڏني وئي. ذريعن موجب قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ 9 مئي جي پرتشدد واقعن جي سخت مذمت ڪندي فيصلو ڪيو ويو تہ فوجي ۽ نجي ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ وارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ قومي سلامتي ڪميٽي چيو آهي تہ سياسي مقصدن جي آڙ ۾ فوجين جي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو. قومي دفاعي ۽ سيڪيورٽي ادارن تي حملا ناقابل قبول آهن ذريعن موجب وزيراعظم جو چوڻ هو تہ سياسي مقصدن لاءِ ادارن تي حملو افسوسناڪ آهي. جناح هائوس جنهن کي قومي فخر آهي، کي باهہ ڏني وئي، جيڪو دشمن 75 سالن ۾ نہ ڪري سگهيو اهو سياسي پارٽي جي ڪارڪنن ڪري ڇڏيو هن چيو تہ پاڪ فوج پرتشدد واقعن ۾ صبر جو مظاهرو ڪيو جيڪو قابل تحسين آهي. پوري قوم هٿيارٻند فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي.

بقايا 04 ***

ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي شروع ٿي تہ جوابدارن طرفان نہ سنڌس وڪيل پيش ٿيا نہ ئي وري جوابدار حاضر ٿيا. عدالت پيش نہ ٿيڻ جي آڌار تي پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر، فواد چوڌري، اعجاز چوڌري، عمر ايوب، فرخ حبيب ۽ ميان محمود الرشيد جون عبوري ضمانت جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون. جوابدارن خلاف ريس ڪورس ٿاڻي ۾ دهشتگردي، ڀڃ ڊاهہ، باهيون ۽ سرڪاري ڪمن

۾ مداخلت سميت ٻين قلمن تحت ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا 05 ***

لاءِ پيش ڪيں تعليم واري وفاقي وزير رانا تنوير چيو تہ توهين پارليامينٽ (سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي) بل اهم قانونسازي آهي. قائمہ ڪميٽي رولز ۾ بہ ترميم ٿيڻ گهرجي. پارليامينٽ ميمبرن جا فون آفيسر ٻڌڻ بہ پسند نٿا ڪن هر اداري جي توهين جو ڪوئہ ڪو قانون آهي. اڳ توهين پارليامينٽ تي ڪوبہ قانون نہ هو. هاڻ اسان کي پارليامينٽ جي ڪميٽين جي بہ توهين قبول نہ آهي. اسان ڇهن سالن کان هن بل تي ڪم ڪري رهيا هئاسين. قائمہ ڪميٽي جي ميمبرن ۽ ٻين هائوس جي ميمبرن سلو سات ڏنو تعليم واري وزير چيو تہ پارليامينٽ سپريم ادارو آهي هتي ڪوبہ ڪم ٿيندو آهي تہ ان کي ٽيڪ اوور ڪيو ويندو آهي. توهين پارليامينٽ تي قانونسازي وقت جي ضرورت هئي. هر اداري جي توهين جو ڪوئہ ڪو قانون آهي. پر توهين پارليامينٽ تي ڪوبہ قانون نہ هو توهين پارليامينٽ بل قائمہ ڪميٽي جي مسودي جي منظوري کان پوءِ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويو بل موجب پارليامينٽ جي توهين کي ڏوهہ قرار ڏنو ويو آهي. پارليامينٽ يا ان جي ڪنهن ڪميٽي جي توهين يا ڪنهن ايوان، ميمبر جو استحقاق مجروح ڪرڻ تي سزا ملندي. پارلياماني ڪميٽي توهين پارليامينٽ تي ڪنهن بہ رياستي يا حڪومتي عهديدار کي طلب ڪري سگهندي. پارليامينٽ جي توهين ڪندڙ جوابدار کي 6 مهينا قيد ۽ 10 لک روپيہ ڏنڊ جي سزا تجويز ڪئي وئي آهي. بل موجب 24 رڪني پارلياماني ڪميٽي توهين پارليامينٽ ڪيسز جي جاچ ڪندي ڪميٽي ۾ اپوزيشن ۽ حڪومت جي ميمبرن کي شامل ڪيو ويندو. ڪميٽي طرفان شڪايت جي رپورٽ تي اسپيڪر يا سينيٽ چيئرمين سزا تجويز ڪندو اسپيڪر يا سينيٽ چيئرمين لاڳاپيل ماڻهو کي سزا ڏيڻ جو اعلان ڪري سگهندا.

بقايا 06 ***

دوران آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۾ مختلف هنڌن تي ڪنوڻ سان گڏ برسات جو امڪان آهي. جڏهن تہ پشاور، چارسدا، نوشهرا، صوابي، مردان، ڪوهاٽ، باجوڙ، ڪرم ۽ وزيرستان ۾ بہ مينهن وسندو موسميات کاتي موجب اسلام آباد، مري، گليات، راولپنڊي، اٽڪ، جهلم، سيالڪوٽ، گجرات، ناروال، گوجرانوالا ۾ بہ برسات جو امڪان آهي، جڏهن تہ فيصل آباد، ٽوبا ٽيڪ سنگهہ، جهنگ، قصور، شيخوپورا، خوشاب، اوڪاڙا ۽ لاهور ۾ آنڌاري ۽ برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ 16 ۽ 17 مئي دوران بلوچستان، ڏکڻ پنجاب ۽ سنڌ جي مٿين علائقن ۾ آنڌاري ۽ برسات جو امڪان آهي.

بقايا 07 ***

ضمانت ۾ واڌ بابت درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. عمران خان جي وڪيل طرفان حاضريءَ کان ڇوٽ جي درخواست ڏني وئي جنهن کي عدالت منظور ڪري ڇڏيو چيف جسٽس عامر فاروق ريمارڪس ڏيندي چيو تہ ٻڌايو تہ عمران خان وڌيڪ ڪيسز ۾ ڪهڙي ڏينهن اچڻو آهي؟ ان ڏينهن جي تاريخ مقرر ڪريون چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق جي آڏو عمران خان جو وڪيل بيرسٽر گوهر ۽ علي بخاري پيش ٿيا جڏهن تہ ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد بيرسٽر جهانگير جدون بہ عدالت ۾ پيش ٿيو اسلام آباد پوليس جون اختياريون بہ عدالت ۾ موجود هيون. عمران خان جي وڪيل چيو تہ اڄ اسان عمران خان جي حاضري کان ڇوٽ

جي درخواست داخل ڪري رهيا آهيون جنهن تي عدالت عمران خان جي اڄ حاضري کان ڇوٽ جي درخواست منظور ڪندي 2 ڪيسن ۾ ضمانت ۾ 8 جون تائين واڌ ڪري ڇڏي.س

بقايا 08 ***

رپين تائين پهچي ويو فيبروري ۾ پاڪستان جو ڪل قرض 54 هزار 400 ارب رپيا هو مارچ ۾ پاڪستان جي قرض ۾ فيبروري جي ڀيٽ ۾ 2 هزار 685 ارب رپين جو اضافو ٿيو جيڪو 4.9 سيڪڙو ٿئي ٿو ڊسمبر 2022 ۾ پاڪستان جو ڪل قرض 51 هزار 58 ارب 20 ڪروڙ رپيا هئا جون 2022 ۾ پاڪستان جو ڪل قرض 47 هزار 832 ارب 40 ڪروڙ رپيا ٿي ويو آهي گذريل سال مارچ ۾ پاڪستان جو ڪل قرض 43 هزار 12 ارب 70 ڪروڙ رپيا هو جيڪو هلندڙ سال 32.8 سيڪڙو اضافي سان 57 هزار 122 ارب رپيا ٿي ويو آهي اسٽيٽ بئنڪ مطابق مارچ 2022 کان مارچ 2023 جي عرصي ۾ پاڪستان جي قرض ۾ 14 هزار 109 ارب 80 ڪروڙ رپين جو اضافو ٿيو آهي.

بقايا 09 ***

عورتن جي بطور مائرن جي ڪردار ۽ اسپتالن ۾ مائرن جي سار سنڀال جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي نجم الدين آڊيٽوريم ۾ تقريب جو انعقاد جي ايس اير يو جي ايسوسيئيٽ پروفيسر ڊاڪٽر نگهت علي شاھ ڪيو جنهن ۾ رجسٽرار ڊاڪٽر اعظم خان سميت جي ايس اير يو جي فيڪلٽي ۽ جي بي اير سي جي ڊاڪٽرن، نرسن ۽ اسٽاف پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ماءُ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تقريب جو نعرو "مان رهي سلامت" رکيو ويو هو. ان موقعي تي سماجي ڪارڪن ۽ تحريڪ نسوان ڪلچرل ايڪشن گروپ جي باني شيما ڪرماڻي ۽ سنڌس ٽيم پاران ٿيٽر پرفارمنس پڻ پيش ڪئي وئي. هن ٿيٽر ۾ زندگي جي مختلف شعبن ۾ عورتن کي درپيش مسئلن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي جرئت کي اجاگر ڪيو ويو. ٿيٽر کي شرڪت ڪندڙن پاران چڱيءَ طرح پذيرائي ملي ۽ ان جي طاقتور پيغام جي واکاڻ ڪئي وئي. تقريب دوران اسپتالن ۾ قيمتي جانيون بچائڻ لاءِ نرسن جي اڻٿڪ خدمتن جو اعتراف پڻ ڪيو ويو ۽ ڪين پروفيسر ڊاڪٽر رضيہ ڪوريجو، پروفيسر ڊاڪٽر صديقہ، ڊاڪٽر نگهت علي شاھ، شيما ڪرماڻي، ڊاڪٽر مسرور ۽ ٻين پاران تحفا ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تقريب جي مرڪزي آرگنائيزر ڊاڪٽر نگهت علي شاھ چيو تہ هن تقريب جو مقصد ماءُ جي ڪردار ۽ مختلف شعبن ۾ عورتن جي ڪاميابين کي آگاهہ ڪرڻ آهي. جي ايس اير يو صحت سميت ٻين شعبن ۾ صنفي برابري ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جو پيغام پکيڙڻ لاءِ پرعزم آهي. جي ايس اير يو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ ڊاڪٽر نگهت علي شاھ ۽ سنڌس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو تہ جي ايس اير يو کي پنهنجي عورتن جي فيڪلٽي، اسٽاف ۽ شاگردن تي فخر آهي جيڪي سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي رهيا آهن. تقريب جي پڄاڻي ڊاڪٽر نگهت علي شاھ جي شڪرگذاري ۽ گروپ فوٽو سيشن سان ٿي جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن ان تقريب کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ اهڙيون تقريبون مستقبل ۾ بہ جاري رهنديون.

بقايا 10 ***

لاءِ جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم جوڙڻ جي بہ منظوري ڏني وئي. ڊمحسن نقوي واقعن ۾ ملوث ماڻهن جي گرفتاري جلد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو تہ دهشتگردي جي واقعن جي اصل ذميوارن جي سڃاڻپ لاءِ سمورا سيڪيورٽي ادارا گڏجي ڪم ڪن.

بقايا 11 ***

ايم پي او تحت فواد چوڌري جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي حڪم جاري ڪيو عدالت فواد چوڌري کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيندي 2 وڌيڪ ڪيسن ۾ ڪيس گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. آزاد ٿيڻ کان پوءِ فواد چوڌري هاءِ ڪورٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو تہ اسان کي هڪ ٻئي کي گنجائش ڏيڻي پوندي مان سمجهان تہ هر طرف کان صبر جو مظاهرو ٿيڻ گهرجي. ڪوحل ڪڍڻ گهرجي. ڳالهيون ٿيڻ گهرجن ملڪ وڌيڪ

پابنديون برداشت نٿو ڪري سگهي. صحافين سان ڳالهين کان پوءِ فواد چوڌري جيئن ئي گهر واپسي جي لاءِ گاڏي ۾ ويٺو تہ پوليس ڪيس ٻيهر گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس کان بچڻ جي لاءِ فواد چوڌري گاڏي مان پچي ٻيهر عدالت جي ڪمري ۾ ڀڄي ويو ڀڄڻ دوران فواد چوڌري ڪري بہ پيو پر ان باوجود هو عدالتي ڪمري ۾ ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

بقايا 12 ***

قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس کان اڳ آرمي چيف عاصم منير ملاقات ڪئي آهي. ملاقات دوران ملڪي سيڪيورٽي صورتحال ۽ موجوده صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون ذريعن موجب ملاقات ۾ قومي سلامتي جي اهم معاملن تي بہ ڳالهيون ڪيون ويون جڏهن تہ قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس جي ايجنڊا تي بہ ڳالهيون ڪيون ويون. ذريعن موجب ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي 9 مئي تي ٿيندڙ گرفتاري تي پرتشدد مظاهرن کان پوءِ فوجي تنصيبات تي حملن جي واقعن تي بہ ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 13 ***

ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي قومي اسيمبلي ميمبر محمود مولوي پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪندي چيو تہ سياسي پارٽي تبديل ڪري سگهون ٿا فوج کي تبديل نٿا ڪري سگهون. هن فوج جي ڪري ئي ملڪ سلامت ۽ ايٽمي طاقت آهي. هن چيو تہ وڳوڙي ڪير هئا ان جي مون کي خبر نہ آهي هن چيو تہ اڄ پي ٽي آءِ وارا چون ٿا تہ فوج خراب آهي تہ ڇا اسان ڀارت يا افغانستان مان فوج آڻيون محمود مولوي چيو تہ سياسي معاملا ڳالهين جي ميز تي حل ٿيڻ گهرجن. پي ٽي آءِ ۾ آيس تہ سوچيو هو تہ اها هڪ سلجهيل پارٽي هوندي. پارٽي جي ڪجهہ ماڻهن چيو تہ عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو تہ جي ايچ ڪيو ويندا سين. فوج جي خلاف نہ ڪڏهن ويو آهيان نہ ئي وري ويندس. مان ڪنهن بہ ٻئي پارٽي ۾ شامل نہ پيو ٿيان. هاڻ مان ڪا فلاحي تنظيم ٺاهيندس يا ڪنهن نئين پارٽي جي بنياد وجهندس. پي ٽي آءِ کي الوداع چوندڙ اڳواڻ وڌيڪ چيو تہ حڪومت ۾ هجون تہ فوج سٺي جيڪڏهن ٻاهر نڪري وڃون تہ فوج خراب. اهو نٿو ٿي سگهي، سياسي معاملن کي سياسي طريقن سان طئي ٿيڻ گهرجي. اربين روپين جو اٿو ڏنو ويو پر مليو ڪنهن کي بہ تہ. اهو ڪر نہ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ شفافيت نہ هجي. 9 مئي تي جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو پارٽ جو بيءَ بہ نٿي ڪري سگهيو هن چيو تہ مان عزت ۽ وقار سان وڃڻ چاهيان ٿو سڀني کي چوان ٿو تہ ڊپ جو بت توڙي ڇڏيو. هن ملڪ ۾ 90 سيڪڙو ووٽ پوڻ گهرجن پر عوام سٽل آهي. ووٽ 40 سيڪڙو ماڻهو ڏيندا آهن پوءِ چوندا آهن تہ ملڪ ۾ غلط ٿيو. منهنجو سافٽ ويئر تبديل ڪرڻ وارو ڪير پيدا ٿي ناهي ٿيو محمود مولوي چيو تہ پي ٽي آءِ جا جيڪي ماڻهو ملوث هئا انهن کي سزائون ملڻ گهرجن. قيادت کي اعلان ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي ملوث آهن انهن کي سزا ملڻ گهرجي. سڀ ڪجهہ عمران خان ناهي ڪندو سموري پارٽي شامل آهي.

بقايا 14 ***

ماءُ ۽ فلڪ ناز کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ ايمان مزاري چيو تہ مان ۽ فلڪ ناز جي فيملي شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي وٺڻ وياسين. اسلام آباد پوليس اڊيالا جيل ٻاهران شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي وٺي هلي وئي. ياد رهي تہ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شيرين مزاري ۽ سينيٽر فلڪ ناز جي آزادي جو حڪم ڏنو هو

بقايا 15 ***

هلندڙ هفتي جي ٻئي ڪاروباري ڏينهن دوران انٽر بئنڪ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ هڪ پئسو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. انگن اکرن موجب انٽر بئنڪ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهہ 284 رپيا 97 پئسا مان گهٽ ٿي 287 رپيا 96 پئسا ٿي ويو آهي. ياد رهي تہ گذريل ٽن ڪاروباري ڏينهن دوران رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ مسلسل گهٽتائي نظر آئي آهي.

بقايا 16 ***

ڏوهارين کي توهان گڊ ٽو سي يو چوندا آهيو؟ هر هڪ کي رجسٽرار کان فون ڪرائي مرسڊيز بہ گهرائي رخصت ڪندا آهيو؟ هن سوال ڪيو تہ هر هڪ کي جيل مان ريسٽ هائوس بہ شفٽ ڪندا آهيو؟ سڀني تي اٿين ٿي رماتہ ۾ ضمانتن جو مينهن وسائيندا آهيو؟ سڀني کي چوندا آهيو تہ 10 فيملي ميمبرز کي گهرايو. ڪچهري ڪيو ۽ سمهي پئو! واضح رهي تہ ان معاملي تي چيف جسٽس وضاحت ڏيندي چيو آهي تہ مان اهو هر ڪنهن کي چوندو آهيان، مون کي "گڊ ٽو سي يو" چوڻ تي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو

بقايا 17 ***

پيش آيو جتي هڪ پوليس اهلڪار نجي اسڪول ۾ فائرنگ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ 6 ٻار زخمي ٿي پيا. جن کي اسپتال نيو ويو پوليس ٻڌايو تہ واقعي ڪانپوءِ اهلڪار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي تہ اهلڪار جو ذهني توازن درست ناهي پر ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 18 ***

13 سالن جي امير حمزه تازو ئي باڪو، آذربائيجان ۾ منعقد ٿيندڙ ورلڊ اسڪالرشپ مقابلن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. امير حمزه 7 گولڊ ۽ 6 سلور سميت 13 ميڊل حاصل ڪيا. ان کان علاوه بين الاقوامي سطح تي منعقد ڪيلپين مختلف مقابلن ۾ پڻ ميڊل کٽي چڪو آهي. صوبائي وزير سيد سردار شاھ ورلڊ اسڪالرشپ مقابلي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي امير حمزه کي مبارڪباد ڏني ۽ سنڌس حوصلا افزائي ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار شاھ چيو تہ توهان اسان جي صوبي ۽ ملڪ جو فخر آهيو چاهيان ٿو تہ ٻين شاگردن جي بہ رهنمائي ڪيو". سيد سردار شاھ امير حمزه کي سنڌ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سفير طور ڪمڪرڻ جي آڇ پڻ ڪئي. سيد سردار شاھ امير حمزه کي ٻڌايو تہ صوبائي حڪومت ڪيس اڳتي وڌڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندي. ملاقات ۾ سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار محمد آصف خان پڻ موجود هو.

بقايا 19 ***

قادر مگسي جي والد جي جنازي نماز شام 7 وڳي ٺٽو شهر ۾ ادا ڪئي وئي. سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ٽي ڏينهن سوگ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڄام عبدالفتاح سميجو، گلزار سومرو، حيدر ملاح، ڊاڪٽر سومار مگريو، عاشق سولنگي، قادر چنا، امتياز سمون، نثار ڪيريو ۽ مرڪزي قيادت پاران ڏک جو اظهار ڪيو ويو آهي. مرحوم جيئند مگسي قومي تحريڪ ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي نہ فقط حوصلا افزائي ڪندو رهيو پر هو رياستي دٻاءَ باوجود جهڪيو ڪونہ ۽ ڪيترائي ڀيرا جيل پڻ ويو جيلن دوران بہ چاچا جيئند مگسي ڪارڪنن کي همٿ ڏياريندو رهيو تہ اسان جيلن مان نڪري ويندا سين اوهان همٿ سان پنهنجي مادر وطن جي حقن جي لاءِ آواز اٿاريندا رهجو

بقايا 20 ***

گهرڻ جي لاءِ خط لکيو آهي .عدالت گهروڪاتو سميت ٻين کان ڇهن هفتن ۾ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. گم ٿيل ماڻهن ۾ ظاهر علي، مسمات شبانہ، رئيس الدين، زين العابدين سميت ٻيا شامل آهن.

بقايا 21 ***

مڃي ڇڏي آهي عدالتون سخت سزائون ڏيڻ تہ معاملا سڌري سگهن ٿا. عدالت وڌيڪ چيو تہ شهري مستقل طور تي معذور ٿي ويندا آهن. 20 آگسٽ 2018ع جو درخواستگذار محمد عباس ۽ سنڌ پاڻ دڪان تي موجود هو تہ 3 موٽر سائيڪلن تي 6 جوابدارن ڦرلٽ ڪرڻ شروع ڪئي. شور ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪئي جنهن هڪ حاجي اقبال قتل ۽ عابد ۽ حاجي خان زخمي ٿي ويا هئا.

بقايا 22 ***

شيرين مزاري جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. شيرين مزاري جي ڌيءَ ايڊووڪيٽ ايمان مزاري گرفتاري خلاف هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪيو هو شيرين مزاري پاران زينب جنجوعا ايڊووڪيٽ دليل ڏيندي چيو تہ شيرين مزاري تي

الزام آهي تہ هن 9 مئي تي ڪارڪنن کي وڳوڙن لاءِ ڀڙڪايو 9 مئي تي شيرين مزاري پنهنجي گهر ۾ هئي ۽ ڪيس آتان ئي گرفتار ڪيو ويو. زينب جنجوعا چيو تہ شيرين مزاري جي گهر ۾ موجودگي سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي رڪارڊ مان ثابت ڪري سگهجي ٿي. عدالت سوال ڪيو تہ اهو ٻڌايو تہ شيرين مزاري جي عمر ڪيتري آهي؟ ان تي زينب جنجوعہ ٻڌايو تہ شيرين مزاري جي عمر 72 سال آهي ڪيس ميڊيڪل جا مسئلا بہ آهن. عدالت دليل ٻڌڻ بعد شيرين مزاري جي ٿري ايم پي او تحت گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيندي ڪيس آزاد ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 23 ***

۽ ڪير جي دڪانن تي ڇاپا هنيا. سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم ڪاڌ خوراڪ جي مرڪزن کي سنڌ فوڊ اٿارٽي کان لائسنس وٺڻ جي بہ هدايت ڪئي. ٽيم صفائي جي ناقص انتظامن تي ڏنڊ پڻ لڳايو ان موقعي تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم لاڳاپيل ٿاڻي جي پوليس موبائلن سان گڏ هئي. جڏهن تہ موبائيل ٽيسٽنگ ليب پڻ ٽيم سان گڏ هئي تہ جيئن ڪاڌي پيتي جي شين جي معيار کي چيڪ ڪيو رجي. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان چيو تہ ڪاڌي پيتي جي شين جي معيار تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو ۽ عوام کي معياري ڪاڌن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ صوبائي خوراڪ واري وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر جي هدايت جي هدايت تي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 24 ***

ثابت ٿئي ٿو تہ پيچ داهہ، باهيون ۽ ڪجهہ هنڌن تي فائرنگ جي واقعن ۾ ايجنسين جا اهلڪار ملوث هئا. گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر طرفان ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو هو جنهن ۾ چيو ويو تہ 9 مئي تي فوجي تنصيبات تي حملا ڪندڙن خلاف آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت ڪارروائي ڪئي ويندي تحريڪ انصاف طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان تحريڪ انصاف اسپيشل ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي ختم ٿيڻ تي جاري ڪيل پڌرائي وڏي اهميت رکي ٿي، پي ٽي آءِ موجب ڪجهہ سرڪاري عمارتون، فوجي ملڪيتون، سوين معصوم ۽ پرامن شهري اهڙي افراتفري جي زد ۾ آيا هئا، اهڙي ڪارروائي جا تہ مٿائن جوڳا ثبوت موجود آهن. هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت پرامن احتجاج ڪندڙن جي صف ۾ هٿيارٻند وڳوڙين کي شامل ڪيو ويو فائرنگ جي نتيجي ۾ درجنين بيگناهہ شهري شهيد ۽ سوين زخمي ٿي پيا. تحريڪ انصاف چيئرمين کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي احاطي مان رينجرز ذريعي اغوا جي نتيجي ۾ پرامن احتجاج هڪ فطري نتيجو هو مٿائن نہ جوڳيون شاهديون موجود آهن تہ پرامن مظاهرين جي صفن ۾ هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت هٿيارٻند داخل ڪيا ويا. جنهن بي گناهہ شهرين مٿان گوليون هلايون. هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪيترائي معصوم شهري شهيد جڏهن تہ درجنين زخمي پڻ ٿيا. پي ٽي آءِ طرفان بيان ۾ چيو ويو آهي تہ افراتفري ۽ فساد جي آڙ ۾ پاڪستان جي سڀني کان وڏي سياسي طاقت ۽ پاڪ فوج کي آمهون سامهون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، سپريم ڪورٽ جي حڪم تي غيرقانوني گرفتاري کان پوءِ آزادي تي پي ٽي آءِ چيئرمين قوم کي پنهنجي خطاب ۾ سپريم ڪورٽ جي ججز تي هڪ بااختيار ڪميشن جوڙڻ جي تجويز پيش ڪري چڪو آهي.

بقايا 25 ***

عبدالستار سنڌس جو پٽ سجاد ۽ عرفان جتوئي گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا. جنهن کي وارث ڪنائي لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ٻنهي زخمين جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي.

بقايا 26 ***

کي بند ڪرڻ مسئلن جو حل نہ آهي وفاقي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو تہ انٽرنيٽ سروس متاثر ٿيڻ سان اربين رپين جو نقصان ٿيو منسٽري آف آئي ٽي ڪنهن بہ پابندي جي خلاف آهي جنهن سان ترقي بند ٿي وڃي ٿي سوشل ميڊيا جو غلط استعمال ٿيو سيد امين الحق چيو تہ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن آزاد اداري طور ڪم ڪري ٿو ۽ پي اين مسئلي جو حل نہ آهي اسان کي براڊ مائنڊ ٿيڻو پوندو هن چيو تہ مخصوص علائقن ۾ انٽرنيٽ بند ڪري سگهجي ٿي انٽرنيٽ کي بند ڪرڻ سان آئي ٽي انڊسٽري کي اربين رپين جو نقصان ٿيو انٽرنيٽ بند نہ ٿيڻ گهرجي وفاقي وزير چيو تہ آئي ٽي انڊسٽري کي سهولت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. وڪي پيڊيا ڏيڍ مهينو بند ٿيو هو اسان ترت قدم کنيا ۽ ان کي بحال ڪرايو مان ڪوشش ڪندس تہ مستقبل قريب ۾ انٽرنيٽ سروس بند نہ ٿئي.

بقايا 27 ***

.ايس ايس پي سينٽرل معروف عثمان پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو تہ ڦر دوران مزاحمت تي هڪ رينجرز اهلڪار کي قتل ۽ ٻئي کي زخمي ڪندڙ اسٽريٽ ڪرمنل گروپ جي ٻن اهم ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدارن ۾ احمد الله عرف گنجرڙ پٽ امير الله ۽ نور خان عرف چوٽا پائي پٽ شير خان شامل آهن. هن چيو تہ جوابدارن جاچ دوران انڪشاف ڪيو تہ عيدالفطر جي ڏينهن اهي بورڊ آفيس وٽ ڦرلٽ ڪري رهيا هئا تہ رينجرز اهلڪار پهچي ويا. جوابدارن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار شهيد ۽ هڪ زخمي ٿيو. پوليس جوابدارن وٽان واردات ۾ استعمال ٿيندڙ پستول، موبائل فون ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي آهي. پوليس موجب جوابدارن جو واسطو ڦر ڪندڙ افغاني گروپ سان آهي. جيڪو 17 ڄڻن تي ٻڌل آهي. جوابدارن انڪشاف ڪيو تہ اهي وارداتن لاءِ هٿيار ڪرائي تي ڏيندا آهن. جوابدار ڪسيل موبائلن گڏ ڪندا آهن 50 موبائلن گڏ ٿيڻ تي افغانستان ۾ ڪپائيندا آهن.

بقايا 28 ***

ڪيجسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ريمارڪس ڏنا تہ نيب جيڪي ثبوت فراهم ڪيا انهن سان لڳي ٿو جوابدار ڪرپشن ڪئي آهي. جوابدار ڪرپشن ڪئي آهي تہ پوءِ ڪيس رقم جي ادائگي ڪرڻي پوندي جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو تہ جوابدار چيڪن ذريعي ڪروڙين رپيا ورتا، سنڌس ڊي سي آفيس ۾ اڄ رج وارو رڪارڊ بہ موجود آهي عدالت جوابدار کان پڇائو ڪيو تہ نيب کي اوهان رهائش ڪراچي جي ٻڌائي تہ پوءِ ڊي سي آفيس ۽ مٽياري ۾ اوهان ڇو ويندا آهيو؟ جنهن تي جوابدار ٻڌايو تہ 35 سالن کان مٽياري جي اهم سياسي شخصيت سان واسطا آهن. ان لاءِ اڄ رج جاري رهي ٿي عدالت عبوري ضمانت ڪرائيندڙ اسلم پيرزادو جي درخواست تي ٻڌڻي 23 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 29 ***

سنڌ 263 تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن کي گرفتاري ڪيو آهي. جڏهن تہ 13 مئي تي 144 هجڻ جي باوجود پ پ جلسو ڪيو هو

بقايا 30 ***

صفائي ۽ ناقص ڪاڌي تي ريسٽورنٽ سيل ڪيو ويو. خرم شيرزمان ريسٽورنٽ سيل ڪرڻ جو الزام سنڌ پوليس تي لڳايو آهي. ٻئي طرف سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڏکڻ ضلعي ۾ وڌيڪ 2 ريسٽورنٽ کي سيل ڪري ڇڏيو

بقايا 31 ***

عورتن جي بطور مائرن جي ڪردار ۽ اسپتالن ۾ مائرن جي سار سنڀال جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي نجم الدين آڊيٽوريم ۾ تقريب جو انعقاد جي ايس اير يو جي ايسوسيئيٽ پروفيسر ڊاڪٽر نگهت علي شاھ ڪيو جنهن ۾ رجسٽرار ڊاڪٽر اعظم خان سميت جي ايس اير يو جي فيڪلٽي ۽ جي بي اير سي جي ڊاڪٽرن، نرسن ۽ اسٽاف پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ماءُ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تقريب جو نعرو "مان رهي سلامت" رکيو ويو هو. ان موقعي تي سماجي ڪارڪن ۽ تحريڪ نسوان ڪلچرل ايڪشن گروپ جي باني شيما ڪرماڻي ۽ سنڌس ٽيم پاران ٿيٽر پرفارمنس پڻ پيش ڪئي وئي. هن ٿيٽر ۾ زندگي جي مختلف شعبن ۾ عورتن کي درپيش مسئلن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي جرئت کي اجاگر ڪيو ويو. ٿيٽر کي شرڪت ڪندڙن پاران چڱيءَ طرح پذيرائي ملي ۽ ان جي طاقتور پيغام جي واکاڻ ڪئي وئي. تقريب دوران اسپتالن ۾ قيمتي جانيون بچائڻ لاءِ نرسن جي اڻٿڪ خدمتن جو اعتراف پڻ ڪيو ويو ۽ ڪين پروفيسر ڊاڪٽر رضيہ ڪوريجو، پروفيسر ڊاڪٽر صديقہ، ڊاڪٽر نگهت علي شاھ، شيما ڪرماڻي، ڊاڪٽر مسرور ۽ ٻين پاران تحفا ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تقريب جي مرڪزي آرگنائيزر ڊاڪٽر نگهت علي شاھ چيو تہ هن تقريب جو مقصد ماءُ جي ڪردار ۽ مختلف شعبن ۾ عورتن جي ڪاميابين کي آگاهہ ڪرڻ آهي. جي ايس اير يو صحت سميت ٻين شعبن ۾ صنفي برابري ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جو پيغام پکيڙڻ لاءِ پرعزم آهي. جي ايس اير يو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ ڊاڪٽر نگهت علي شاھ ۽ سنڌس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو تہ جي ايس اير يو کي پنهنجي عورتن جي فيڪلٽي، اسٽاف ۽ شاگردن تي فخر آهي جيڪي سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي رهيا آهن. تقريب جي پڄاڻي ڊاڪٽر نگهت علي شاھ جي شڪرگذاري ۽ گروپ فوٽو سيشن سان ٿي جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن ان تقريب کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ اهڙيون تقريبون مستقبل ۾ بہ جاري رهنديون.

بقايا 32 ***

حالتون ئي اهڙيون هيون جو يقين نہ هو تہ عدالت پهچي سگهندس، اڄڪلهہ تہ سوشل ميڊيا بہ نہ پئي هلي تہ ڄاڻ ملي سگهي، چيف جسٽس چيو ڏريون مواد جمع ڪرائين. جيڪڏهن فراهم ڪيل مواد تي عدالت ڪنهن نتيجي تي پهتي تہ آگاهہ ڪنداسين. نيب ترميمن جي ڪيس جون اڄ 46 ٻڌڻيون ٿي چڪيون آهن. جنهن ۾ خواج حارث 26 ۽ مخدوم علي خان 19 ٻڌڻين تي دليل ڏنا. ڪيس کي وڌيڪ ٿا ٽنگڻ چاهيون. چو تہ عدالتي موڪلن ۾ شايد بئنچ هڪ ئي وقت هتي موجود نہ هجي. نيب قانون ۾ ڪيترين ئي شيون درست آهن. ڪجهہ غلطيون آهن. جن تي فيصلو ڏينداسين چيف جسٽس چيو خواجا حارث نيب ترميمون ڏسي پائي تہ غلطي ڪهڙي آهي ۽ بنيادي حقن جي پيچڪڙي ڪٿي ٿي آهي. پنهنجي پاران اهو طئي ٿا ڪري سگهون تہ نيب قانون ۾ تبديلي سان بنيادي حق متاثر ٿي ويا. عمران خان جي وڪيل چيو تہ حڪومت نيب قانون ۾ ڪالهہ ٽين ترميم ڪئي آهي. جنهن تي چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا حڪومت بہ تہ اسان جو امتحان وٺندي پئي وڃي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 33 ***

عبدالستار سنڌس جو پٽ سجاد ۽ عرفان جتوئي گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا. جنهن کي وارث ڪنائي لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ٻنهي زخمين جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 01

گولو ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان ڏانهيو تہ اسان جو پيرسن عبدالرحيم گولو گذريل خميس ڏهاڙي گهر کان ڪنڌ ڪوٽ شهر علاج لاءِ نڪتو جيڪو واپس نہ وريو هن چيو تہ اسان پنهنجي مٽ مائٽن عزيز قريب وٽ ڳولا ڪيوسين پر ڪٿي بہ هن جو ڏس پتو نہ مليو اسان کي شڪ آهي تہ اسان جي پيرسن کي اغوا ڪيو ويو آهي چو جو اڳ ۾ اسان جا مائٽهون وقتن بوقت اغوا ٿي ويا آهن جنهن جي بازيابي سخت احتجاج بعد ۾ عمل ۾ آئي آهي هن چيو تہ اسين مسڪين پورهيت آهيون پيرسن جي گمشدگي بعد گهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي اسين ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌ ڪوٽ سميت وس وارن اعلي اختيارين کي اپيل ڪريون ٿا تہ پيرسن جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 02

جي پوليس ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهچي قتل ٿيل نوجوان جو لاش تحويل وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ لاش تعلقہ اسپتال ميروخان ڪٺائي وئي. گذريل رات (اڱاري رات) دير سان بهرام ٿاڻي جي حد ڳوٺ گولو واهہ ويجهو اڻڄاتل جوابدارن ڪهاڙين ۽ بندوق جو فائر ڪري ڳوٺ سانولو خان ڪوسو جي رهواسي 35 ورهين جي طارق ڪوسو ولد بهادر ڪوسو کي بيدرديءَ سان قتل ڪري فرار ٿي ويا. وارثن بهرام پوليس کي اطلاع ڪيو ايس ايڇ او بهرام مختلف ٿاڻن جي پوليس ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ميروخان اسپتال پهچايو ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

بقايا سنڌيار 03

گهوٽڪي ۽ تعلقي اوباوڙو ياران ٿي گذري. ريلي رانوتي روڊ اڪبر فوٽو گرافر ڪان پريس ڪلب تان ٿيندي اوباوڙو مين چوڪ تي پهتي ريلي جي اڳواڻي صوبي سنڌ جي صدر محب وطن پاڪستاني لالا نبي بخش پٽي ۽ صوبي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد قابل پٽي، صدر ضلع گهوٽڪي الطاف حسين رند وارن ڪئي، ريلي کي مين چوڪ تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ هي ريلي اسان جي مرڪزي چيئرمين جي حڪم جي پاسداري ڪندي پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ۽ پيغام پاڪستان لاءِ ڪڍي وئي آهي پاڪستان جي عوام کي گمراهہ ڪري ڪين پاڪ فوج ۽ انٽيليجنس ايجنسين جي خلاف بيهڻ چاهين ٿا ۽ پاڪستاني عوام کي پنهنجي پاڪ فوج سان وڙهائڻ چاهين ٿا پر اها ملڪ دشمن جي چال ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندي پاڪستان کي تباهہ ڪرڻ وارا پاڻ تباهہ ٿي ويندا، هنن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو تہ پاڪستاني عوام محب وطن آهي هو سڀ ڪجهہ سمجهي رهيا آهن، هو پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهن ۽ هميشہ جي لاءِ ساڻن گڏ آهن. دشمن جيڪو بہ ڪري مگر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيندو، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان جا جهنڊا ۽ بينر کڻي پاڪستان پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد ملڪي ادارا زنده آباد جي پرجوش انداز ۾ نعريبازي ڪئي ريلي ۾ محمد رمضان آرائين، صوبدار خان ڪوش، ڊاڪٽر نثار سومرو، عابد حسين رند، الطاف حسين سولنگي، ساجد عباسي، محمد عثمان پٽي، شير محمد ملڪ، وقار پٽي، محمد بلال پٽي دلدار پٽي، زاهد حسين رند، صادق حسين رند، محمد علي سومرو عبدالوهاب سومرو، عبدالغني پٽي، محمد پريل ڪوش، عبدالحڪيم پٽي سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪري پنهنجي وطن دوستيءَ جو مظاهرو ڪيو

بقايا سنڌيار 04

الدين گولو ۽ ٻين واهر لاءِ احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ گذريل رات طوفان سبب اوچتو چڻنگ اٿڻ سبب گهرن کي اوچتو باهہ وڪوڙي وئي جنهن سبب گهرن ۾ رکيل سوين مڻ ڪڻڪ اٺ لک روڪ ست تولا سون هڪ سئو ويهہ تولا چاندي ٻڪريون ڪڪڙيون ۽ نياڻين جو رکيل ڏاج بہ سڙي خاڪ ٿي ويو ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ تيز هوا سبب باهہ تي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو هو ۽ انتظاميا طرفان بہ ڪو تدارڪ نہ ٿيو جيڪڏهن وقت سر فائر برگيڊ پهچي ها تہ ايترو نقصان نہ ٿئي ها ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ باهہ سبب گهر ۾ رکيل زمين جا ڪاغذ ٽريڪٽرن جا اصل ڪاغذ ۽ موٽر سائيڪلون بہ سڙي ويون ان کان سواءِ گهر ۾ رکيل قيمتي سامان سڙي ويو جنهن سبب معصوم ٻار کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن ڳوٺاڻن اعلي اختيارين سميت ڊي سي ڪنڌ ڪوٽ کي اپيل ڪئي تہ باهہ سبب ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي جيئن اسان نئين سر زندگي آسانيءَ سان گذاري سگهون

بقايا سنڌيار 05

۾ برساتن کان اڳ پيور بلاڪ سي سي جي ڪم شروع ٿيڻ تي هتان جي سڄاڻ ڌرين خوشي جو اظهار ڪندي پي پي پي ايم پي اي پي ايس 78 حاجي علي حسن زرداري ۽ پ پ پ ضلعي ٽئي جي سينيئر نائب صدر عبدالحميد پنهور جا ٿورا مڃيا آهن انهيءَ موقعي تي ٽائون ايڊمنسٽريٽر ڳاڙهو عبدالڪريم ڪنيار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پي ايس 78 ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي ڳاڙهو شهر ۾ پيور بلاڪ سي سي جو ڪم عوام دوست ايم پي اي علي حسن زرداري ۽ پ پ پ ضلعي ٽئي جي سينيئر نائب صدر عبدالحميد پنهور جي خاص هدايتن تحت شروع ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي تہ انهيءَ ڪم کي برساتن کان اڳ مڪمل ڪيو وڃي هن چيو تہ برساتن جي حوالي سان اسان پنهنجي آفيس ۾ ايمرجنسي سيل پڻ قائم ڪيو آهي هن ڀيري برسات دوران شهر کي ۽ شهرين کي نقصان کان بچائڻ لاءِ بهتر انتظام پڻ ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 06

لائين متاثرين جي دوران ڪيو. صحافين کي جس هوجي جين جي عوامي مسئلن تي روشني سبب اسان جو عوامي خدمت جو جذبو وڌيڪ اوڀري ٿو اسان ڀٽو شهيد جي فڪر جا پوئلڳ آهيون جيستائين جيئرا آهيون عوام جي خدمت جاري رهندي آئون يو سي 3 پيپرن جي بهتري لاءِ اسڪيمن جي منظوري لاءِ ٿورائتو آهيان ۽ شڪريا ادا ڪريان ٿو ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو صاحب، صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو صاحب، پي ايس 130 جي صدر امداد جوکيو صاحب، ايڊمنسٽريٽر ضلعي ڪائونسل ڪراچي نور حسن جوکيو صاحب يونين ڪائونسل پپري جي چيئرمين ڊاڪٽر عظمت الله لنڊ، وائيس چيئرمين علي محمد گبول صاحب ۽ وارڊ ڪائونسلر رسول بخش نگر صاحب جن اسان جي ڳالهہ ٻڌي ۽ اليڪشن مهم ۾ عيدو ڳوٺ جي عوام سان ڪيل واعدو پورو ڪيو ياد رهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ مڪمل طور تي تباهہ ٿيل ڊرينيج سسٽم ۽ کليل گٽرن جي ميڊيا ذريعي خبر عام ڪئي وئي هئي، جنهن سبب جاني نقصان جو خدشو هو

بقايا سنڌيار 07

جي ابدي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي، انهن چيو تہ سنڌي ادبي سنگت جون سڀ شاخون ۽ سنگت جي قافلي جا سمورا ساٿي ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس ڏکويل ڪٽنب سان ڏک جي لمحن ۾ برابر جا شريڪ آهن. سنڌي ادبي سنگت جا ساٿي اڄ سڀني وڳي ٽئي ۾ مرحوم جي جنازي ۾ شرڪت ڪري سنگت جي نمائندگي ڪندا.

بقايا سنڌيار 08

۾ دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي هنن چيو تہ هڪ هفتو اڳ استاد اڳواڻ پرديپ ڪمار، عمران ڪورائي، سهيل ميمڻ ۽ ٻين آفيس ۾ ڀڃ ڊاهہ ڪئي ۽ عملي تي تشدد ڪيو جنهن جو ڪيس دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نہ پئي ڪري، هنن چيو تہ نون ڀرتي ٿيل استادن، عورت پوليس اهلڪارن جون پگهارون هن مهيني ڪيون وينديون پر شر پسند ماڻهو آفيس جو ماحول خراب ڪري رهيا آهن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي ۽ ملازمن کي تحفظ بہ ضروري آهي، هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ شرپسند ماڻهن کي گرفتار ڪري ٽريزري ملازمن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ٽريزري عملو دادو ڪم ڇڏ هڙتال جو سلسلو جاري رکندو

بقايا سنڌيار 09

پي ڪارڪن، سياسي، سماجي ڌرين جا اڳواڻ منگسي هائوس ٺٽي تي سنڌس ٺڏي تي پهچي ويا، جڏهن تہ جيٺند منگسي جي لاڏاڻي تي ٺٽي شهر ۾ سوڳ ڇانيل آهي

بقايا سنڌيار 10

اوپر پوليس اسٽيشن سڄل جي ايس ايڇ او راجا تنوير ٻن پوليس موبائيلن ۽ 5 موٽرسائيڪلن سان گڏ ڪوئيٽا بس اسٽينڊ تي ڇاپو هنيو هو پوليس ڪوئيٽا بس اسٽينڊ وٽان وڏي مقدار ۾ اسمگل ٿيل ڇاليا، 10 جنريٽر اي 4 سائيز پيپر رم جا بنڊل ۽ اسمگل ٿيل سگريٽن سميت ٻيون شيون هٿ ڪري ورتيون. هوڏانهن ايس ايڇ او موقعي تي سمگل ٿيل سمورو سامان هٿ ڪري مزدا ٽرڪون لوڊ ڪري الاظهر گارڊن جي چوڪي تي ڳجهي طور تي لڪائي ڇڏيون. هٿ آيل اسمگل ٿيل سوپاري سهراب ڳوٺ جي رهواسي جمعہ خان، حاجي رمضان گبول ڳوٺ جي رهواسي زبير خاصخيلي ۽ نورنبي برفت کي وڪرو ڪيو ويو جيڪي ڪراچي ۾ ڇاليا اسمگل ڪرڻ جي ڌنڌي ۾ ملوث هئا. ٽاسڪ فورس 25 ڏن کان وڌيڪ گٽڪا ماوا هٿ ڪري پوليس اسٽيشن سڄل ۾ ڪيس نمبر 567/23 داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 11

ويو احتجاج ۾ سخت گرمي هوندي بہ عورتن بہ شرڪت ڪئي. مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي لکيل هو تہ ظالمو ظلم بند ڪيو ايوب ڳوٺ جي بجلي بحال ڪيو جهڙا نعرا لکيل هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ ايوب ڳوٺ ڊي بلاڪ ۾ مهيني کان وٺي ٽرانسفارمر بند آهي جنهن سبب بجلي مسلسل معطل هجڻ سبب علائقي واسي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن سندن چوڻ هو تہ هو هر مهيني بجلي جو بل بہ ادا ڪن ٿا هنن چيو تہ ڪافي ڀيرا ڪي اليڪٽرڪ وارن کي شڪايتون ڪيون درخواستون پڻ ڏنيون آهن پر ان جو ڪو بہ ازالو نہ ڪيو ويو هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ 24 ڪلاڪن ۾ بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻائي ٽرانسفارمر تبديل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 12

آغا، ضلعي صدر شهزاد بوزدار، ڀيو بلوچ، فياض پٽي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان جي فوج تي اسان جو فخر آهي ۽ هو اسان جا محافظ آهن، فوج جي قربانين جي ڪري قوم محفوظ آهي، اسان هن مشڪل گهڙي ۾ پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهيون، اسان ملڪ جي دشمنن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ هو پاڪستان جي فوج کي ڪمزور نہ سمجهن، ڪجهہ سياسي عناصر پنهنجي سياست چمڪائڻ لاءِ پاڪ آرمي جي ادارن کي نشانو بڻايو آهي جنهن جي اسان سخت مذمت ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار 13

وزير ماحوليات محمد اسماعيل راهو ۽ ڊي جي سيپا نعيم احمد مغل جي هدايتن تي سيپا ٽيم ياران گجرا واهہ سيوريج ٽريٽمنٽ پلانٽ جو دورو ڪيو دوري دوران ميونسپل ياران ڪافي وقت کان ٽريٽمنٽ پلانٽ نہ هلائڻ. ميونسپل جو پاڻي بغير ٽريٽمنٽ جي واهہ ۾ ڇوڙ ڪرڻ ۽ شهر جو ڪچرو غير ممنوع جاءِ تي اڇلائڻ جون شڪايتون مليون هيون. جنهن تي دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ويو آهي هن وڌيڪ چيو تہ نڪاسي آب جي نظام کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ پلانٽ ٺاهيو ويو آهي پر ڪافي وقت کان پلانٽ بند پيو آهي ۽ سيوريج جو پاڻي بغير ٽريٽمينٽ جي گجرا واهہ ۾ ڇڏيو پيو وڃي جنهن جي ڪري ڪيترين بيمارين ڦهلجڻ جو خطرو آهي هن وڌيڪ چيو تہ گجراواهہ ويجهو گند ڪچري کي ساڙيو پيو وڃي جيڪو ماحولياتي قانون 2014 جي سيڪشن 14 جي خلاف ورزي آهي هن وڌيڪ چيو تہ سنڌس آفيس ياران ميونسپل ڪمشنر ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کي ڪافي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن ۽ حال ۾ ئي جوڊيشل مئجسٽريٽ II نواب شاهہ وٽ ڪيس داخل ٿيڻ باوجود غيرممنوع جاءِ تي ڪچرو رکڻ ۽ ساڙڻ جي ڪري ماحول خراب ٿي رهيو آهي جنهن تي سيپا ٽيم ياران واسطيدار انتظاميہ کي نوٽيس جاري ڪرڻ لاءِ اعليٰ عملدارن کي سفارش ڪئي وئي آهي تہ جيئن ٽريٽمنٽ کي فوري طور چالو ڪري سيوريج جو پاڻي ماحولياتي قانون تحت صاف ڪري ٻاهر نيڪال ڪري سگهجي ۽ شهر مان نڪرندڙ ڪچرو سائنٽيفڪ طريقي سان ختم ڪري سگهجي.

بقايا سنڌيار 14

جي نمائندگي ڪندي مليرجي سينيئر صحافي آدم سريلو سان عيادت ڪرڻ لاءِ گهر پهچي حال احوال ورتو ان سان گڏ ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪونسل ڪراچي نور حسن جوکيو بہ آدم سريلو جي عيادت ڪرڻ ڪرڻ سنڌس گهر پهچي حال احوال ورتو آدم سريلو سڀني جو شڪريو ادا ڪري چيو تہ منهنجي ڳڏاپ پريس ڪلب جي ٽيم جي چيرمين مير علي گوهر بلوچ مجيب برفت باغي ساگر ۽ منهنجا شاگرد گلشير باريجو ۽ موسا چنا مون سان گڏ هيا ۽ منهنجي ڏک ۾ گڏ آهن ڏينهن رات منهنجي مدد ڪرڻ ۽ ڊاڪٽرن ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي مان اختر خاصخيلي نور حسن جوکيو ۽ شاعر اصغر مهرائي جو بہ شڪر گذار آهيان جن منهنجي طبيعت معلوم ڪئي ۽ حوصلو ڏنو

بقايا سنڌيار 15

جنهن سازش ۾ سنڌس پٽ حقاني بہ برابر جو شريڪ آهي، جن هن کان اڳ بہ مٿس ڪافي ڀيرا حملا ڪري سنڌس ملڪيت ڦٻائڻ چاهين ٿا، هن چيو تہ ڪافي ڀيرا ايس پي آفيس ۾ شڪايتون درج ڪرايون آهن پر سائنس ڪوبہ تدارڪ ٿي ناهي سگهيو جنهن ڪري هن وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 16

يونيورسٽي جي انٽرنيشنل سينٽر فار ڪيميڪل اينڊ بايولوجيڪل سائنسز (ICCBS) جي ترجمان موجب پروفيسر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ اها پبليڪيشن دراصل سوئٽزرلينڊ جي عالمي سائنسي ڪميونٽي طرفان پروفيسر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ ڪئي وئي. سائنس ۽ اعلي تعليم. عطا الرحمان جي خدمتن جو اعتراف. ترجمان موجب ان پبليڪيشن ۾ شامل دنيا جي معروف ماهرن جا آرٽيڪل انٽرنيشنل سينٽر جي سرپرست اعليٰ ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري اڳوڻي وفاقي وزير پروفيسر عطا رحمان سان منسوب ڪيا ويا آهن. ياد رهي تہ پروفيسر عطاءُ الرحمان قدرتي پيداوار جي ڪيميا جي شعبي ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جن ۾ آمريڪا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ نامياتي ۽ غير نامياتي ڪيميا، NMR اسپيڪٽرو اسڪوپي ۽ قدرتي پيداوار جي ڪيميا جي موضوعن تي 1315 کان وڌيڪ بين الاقوامي پبليڪيشن شامل آهن. 367 ڪتاب شامل آهن. هن جا جاپاني ۽ بين الاقوامي سائنسي جرنلز ۾ 775 کان وڌيڪ تحقيقي اشاعتون آهن. سندس نالي تي 83 پيٽنٽ آهن. هو اڪيڊمي آف سائنسز جو صدر پڻ رهي چڪو آهي ۽ ڪيترائي تحقيقي ۽ تعليمي ادارا قائم ڪري چڪو آهي. چين ۽ ملائيشيا ۾ پروفيسر عطا الرحمان جو نالو پروفيسر عطا الرحمان کي نہ رڳو قومي پر ڪيترائي عالمي ايوارڊ ملي چڪا آهن. چين جي صدر شي جن پنگ کيس چين جي اعليٰ ترين سائنسي ايوارڊ سان پڻ نوازيو آهي. کيس فيلو آف دي رائل سوسائٽي (لنڊن) جو اعزاز بہ مليل آهي. ورلڊ اڪيڊمي آف سائنسز (TWAS) انعام. ترجمان موجب ملڪي ۽ غير ملڪي اعزازن ۽ ايوارڊن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي، جنهن ۾ پروفيسر عطا الرحمان، شيخ الجامع ڪراچي پروفيسر ڊاڪٽر خالد محمود عراقي ۽ آءِ سي سي بي ايس جامعہ ڪراچي جي هيڊ ۽ COMSTEC جي ڪوآرڊينيٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر عطيہ الرحمان شامل آهن. محمد علي پڻ موجود آهن اقبال چوڌري عطا الرحمان کي ان ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو

بقايا سنڌيار 17

سمون، نصرت خاصخيلي، ناهيد جوڳي، بختاور چنڊ، سنڌياڻي تحريڪ ٺٽو جي ضلعي آرگنائيزر مهرين پٽي، مهناز ميمڻ ٺٽو، مڪلي، گهارو، ميرپور ساڪرو، ٻهارا، جنگشاهي ۽ ٻين شهرن جو تنظيمي دورو ڪري سنڌياڻي تحريڪ جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ سنڌياڻي تحريڪ گهارو، ٻهارا، جنگشاهي ۽ ٺٽو يونٽن جون باڊي جوڙي عهديدار چونڊيا ويا. مختلف اجلاسن کي خطاب ڪندي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي تہ پارٽي جي خاص هدايتن تي سنڌ جي مڙني شهرن جا دورا ڪيا پيا وڃن تہ جئين سنڌياڻي تحريڪ کي شهر شهر، واهڻ واهڻ، وستي وستي، ڳوٺ ڳوٺ ۾ منظم ڪري سنڌ ۾ عورتن جي حقن، مسئلن جي ترجماني ۽ ظلم، ڏاڍ، جبر خلاف سگهارو ڪردار ادا ڪري سگهجي هنن چيو آهي تہ عورت بہ هن معاشري جو عظيم ڪردار آهي عورتن ۾ وڏو جوش جذبو ۽ صلاحيت موجود آهي پر عورتن کي هٿي وٺي هوئٽي ڏکي سائنس ناانصافي ڪئي پئي وڃي. هنن چيو آهي تہ ماضي جي خوشحال ۽ امير ترين سنڌ کي بکن حڪمرانن اڌوهي جيان کائي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ کي پي پي حڪومت لاقانونيت، ڪرپشن، بدامني، ڪرپشن ڪانسواءِ ڪجهہ ڪونہ ڏنو آهي. عورتون قتل پيون ٿين، ماڻهو بک وگهي خودڪشيون پيا ڪن. مهانگائي جي طوفان انساني جياپو عذاب بڻائي وڌو آهي. دوران ۾ قومي عوامي تحريڪ ٺٽي جي ضلعي صدر شبير پٽي، جنرل سيڪريٽري ممتاز شيخ، حبيب الله پليجو لياقت پارڻ، شفيع محمد پليجو دانش خاصخيلي ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا. ان کان اڳ سنڌياڻي تحريڪ ۽ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽو جو گڏيل وفد جنگشاهي پرسان قائد انقلاب رسول بخش پليجو جي آخري آرام گاهہ تي پهچي مزار تي حاضري ڀري سلامي پڻ ڏني

بقايا سنڌيار 18

صاحب شرڪت ڪئي شاگردن کان مختلف سبجيڪٽن جا سوال پڻ پڇا ويا ان دوران TEO صاحب سان جوهي تعلقي جي بهترين سينيئر استاد صاحبان نظير احمد سولنگي، شجيب الرحمان شاهاڻي، محمد امين جمالي پ ٽ الف نائب صدر تعلقہ جوهي، اڪبر لغاري پ ٽ الف جنرل سيڪريٽري تعلقہ جوهي، محمد امين لغاري، عنايت روستماڻي، ظهيرالدين شاهاڻي، عبدالخالق ٻبر، مهراڻ لغاري، حاڪم علي لنڊ، مجتبيٰ ٻبر، حسين جمالي، علي اصغر برهماڻي، عبدالحميد لغاري سميت ٻين استادن شرڪت ڪري گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول جي ٻارڙن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ هوشيار ذهين شاگردن ۾ انعام پڻ تقسيم ڪيا ان موقعي تي مين پرائمري اسڪول واهي پانڌي جي هيڊ ماستر محترم علي شير روستماڻي ۽ استاد صاحبان جي محنت کي پڻ ساراهيو ويو آخر ۾ تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر منظور احمد سميجو ڳالهائيندي چيو تہ مونکي بيحد خوشي ٿي آهي جو ٻهراڙي جي علائقي ڪاڇي ۾ بہ بهترين استادن سان گڏ شاگردن ۾ پڙهڻ جي جستجو پڻ نظر اچي پئي، اسين تعليم دوست آفيسر آهيون جتي بہ استادن جي رهنمائي جي ضرورت ٿي تہ اتي اسين سڀ کان اڳيرا هونداسين.

بقايا سنڌيار 19

خبر موجب اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان 02 موٽرسائيڪل سوار نقاب پوش هٿياربندن هٿيارن جي زور تي پيرسن سريش لال پٽ ساڻو مل کي گهر جي اڳيان هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي شهر جي هر پاسي چوڪيون قائم ڪيل آهن پوليس گشت غيرمعمولي هجڻ سبب ڦر اغوا جون وارداتون ٿيڻ پيون اسان آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون کان مطالبو ٿا ڪريون تہ جلد کان جلد هن واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 20

خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي امام بارگاهہ ڪاروان ڪربلا ۾ ڊويزنل اڳواڻ حيدر علي شجاعي، اياز علي هليو عبدالفتاح لاشاري، زوار ضمير حسين هليو امير علي پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ 16 مئي 1948 تي اسرائيل جو ناپاڪ وجود پيوءِ فلسطين جي سرزمين تي قبلہ اول تي قبضو ڪري رياست قائم ڪئي، هنن چيو تہ اسرائيل جي ناپاڪ ارادن کي دنيا اڳيان آڻڻ لاءِ هي ڏهاڙو ملهائي آمريڪا ۽ اسرائيل کان بيزاري جو اظهار ڪيو ويندو آهي.

بقايا سنڌيار 21

ڪندي صحافين کي ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ سڳاوتيجهيڙي تان جوابدار رفيق ڪورڪائي ۽ بشير ڪورڪائي جيڪي پريالوءَ جو رهواسي آهن گهر ۾ داخل ٿي گهرياتين تي سخت تشدد ڪيو ۽ هزارين رپيا روڪ ۽ ٻيو سامان کڻي موٽمار ڌمڪيون ڏئي فرار ٿي ويا واقعي جو اطلاع حد ٿاڻي نئين پنڊ پوليس تي ڏنو پوليس هڪ جوابدار رفيق کي گرفتار ڪري رقم وٺي آزاد ڪري ڇڏيو پوليس اسان کي انصاف ۽ تحفظ ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جڏهن پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، ايس ايس پي سکر کي بہ درخواست ڏني آهي پر تدارڪ ناهي ٿيو جوابدار جو تعلق ڌوهارين سان هجڻ ڪري جيل ۾ قيد ڌوهاري بہ ڪين ڌمڪيون پيا ڏين جنهن سبب هو گهر مان نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي گڏهہ گاڏو هلائي محنت مزدوري ڪري ٻچڙن جو پيٽ گزارو ڪندو هيس پر هاڻي پورهيو ڪرڻ بہ نہ ٿو وڃان هنن اعلي پوليس عملدارن کي اپيل ڪئي آهي تہ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 22

ڊيوٽي جا فرائض انجام نہ ڏيندڙ گوسڙو استادن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪري 10 استادن کي رموو فرام سروس تحت سندن نوڪريون ختم ڪري سمورين مراعتون واپس وٺڻ جو حڪم ڏيئي 7 استادن کي ڪمپلسري رٽائرمينٽ ۽ 26 استادن جي ٻن مهينن جون انڪريمنٽون ختم ڪري ڇڏيون آهن، جنهن ۾ نوٽيفڪيشن جي تحت 10 استادن هر هڪ حنا ناز، ساهرا، طفيل احمد، مشهد حسين، عائشہ انجم ناز، نثاراحمد، ميدم سلطان، محمد عالم، اظهر خان، عبدالرزاق جي سروس ختم ڪرڻ، 7 استادن هر هڪ زاهد نور، شميم احمد، محمد آصف، فريد حسين، منظور علي، تنزيلا شاهہ، عبدالستار جي جبري رٽائرمينٽ سان گڏ 26 استادن جون انڪريمينٽون 2 مهينن جون ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي، ٽنڊو محمد خان ۾ ڊيوٽي جا فرائض انجام نہ ڏيندڙ گوسڙو استادن جي خلاف ڪيل ڪاروائي ڪانپوءِ ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر کي فوري طور بائيوميٽرڪ نہ ڪندڙ گوسڙو استادن جون وڌيڪ لسٽون جاري ڪرڻ جو پڻ حڪم جاري ڪيو ويو آهي، ٽنڊو محمد خان جا 9 استادن اڳ ئي سيڪريٽري تعليم سنڌ اڪبر لغاري جي حڪم تحت ڪراچي هيڊ آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ لاءِ پابند بڻايا ويا آهن جنهن مان 9 ئي استادن جي بائيوميٽرڪ هجڻ باوجود ڪين ڪراچي ۾ رپورٽ ڪرڻ بعد اڃان تائين انڪوائري ۾ شامل رکيو ويو آهي جنهن جو ڪو بہ فيصلو نہ ڪيو ويو آهي، معلوم ٿيو آهي تہ ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم کاتي جي صوبائي سيڪريٽري طرفان ضلعي جي آفيسرن کي ڊيوٽي نہ ڪندڙ استادن جي بابت فوري طور رپورٽ ڏيڻ ۽ بائيوميٽرڪ سسٽم ۾ شامل نہ هجڻ تي گوسڙو استادن جون الڳ لسٽون تيار ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪرڻ سان گڏ رپورٽ ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو ويو آهي جنهن ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو ويو آهي. بي پاسي ڊي او پرائمري عبدالوهاب نظاماڻي ٻڌايو تہ ڊائريڪٽر پرائمري حيدرآباد ريجن جي حڪمن تحت ڪاروائي عمل ۾ آندي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 23

وئي جڏهن تہ ڪو جاني نقصان نہ ٿيو ٻئي طرف دادو جي ٻوڏ متاثر علائقن يونين ڪائونسل يار محمد ڪلهوڙو جي ڳوٺ حاجي ماهي خان خاصخيلي سميت ٻي يارو مددگار ويٺل ٻوڏ متاثرن جا اهنج وڏي ويا ڳڙي سان پيبل برسات جا عارضي لڳل ٽينٽ ڍهي ويا ٻوڏ متاثر سخت پريشان حالي جو شڪار بڻيل اين جي اوز سميت ضلعي انتظاميا بہ ڪا واهر نہ ڪئي سنڌ سرڪار ياران اعلانيل رقم بہ نہ ملي سگهي جڏهن تہ سنڌن مدد لاءِ جوڙيل اين جي او ٽرڊيپ ياران نئين سروي شروع نہ ٿي سگهي....

بقايا سنڌيار 24

آبادي کي گهٽائي سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جو منصوبو ناهيو ويو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي آدمشماري ۾ شهرن توڙي ٻهراڙي جي علائقن جا غلط انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن، جيڪا آدمشماري ڪئي وئي آهي ان ۾ غيرقانوني آيل پرڏيهين کي شامل ڪري سنڌ جي اصل آبادي کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش تي عمل شروع ڪيو ويو آهي، سنڌ جي مالڪي جو حق صرف سنڌ جي عوام جو آهي جنهن حق کي غصب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي پئي، سنڌ جي اندر غيرقانوني طور آيل پرڏيهين کي آدمشماري جي انگ اکرن کان الڳ رکڻ لاءِ ڪو بہ الڳ خانو نہ ناهيو ويو نہ وري انهن کي غيرملڪي قرار ڏنو ويو، غيرقانوني طور آيل ماڻهن کي ملڪ جو باشندو بڻائي آدمشماري ۾ ڳنڀ ڏيئي سنڌ جي اصل ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي، وفاقي صوبائي حڪومت ان جو ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ ۾ آيل افغانين کي نيڪالي ڏيارڻ لاءِ ڪو بہ پنهنجو مضبوط موقف نہ رکيو نہ وري ان تي قائم رهيو. آيل غلط انگ اکر ڏيئي سنڌ جي اصل آبادي کي گهٽ ظاهر ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌ دشمن سازش آهي جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو، 28 مئي تي سڄي سنڌ اندر هڙتال ڪرائڻ لاءِ سمورين قومپرست محب وطن سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن سان گڏجاڻيون ڪري ڪين حمايت لاءِ آماده ڪيو ويندو تہ جيئن هڙتال سنڌ ۾ نہ صرف ڪامياب ٿئي پر هڪ مضبوط سنڌ دوست آدمشماري رد ڪري وفاق کي سنڌ جو پيغام ڏنو وڃي، وفاق جي سنڌ دشمن منصوبن خلاف 28 مئي واري هڙتال آدمشماري کي رد ڪرڻ جو عوامي فيصلو ثابت ٿيندو، سنڌ جي عوام کي اسلام آباد جي سياست مان ڪو بہ رليف ملي نہ سگهندو، اسلام آباد ۾ عمران خان جي احتجاج توڙي مذهبي تنظيم جي احتجاج جو سنڌ جي ماڻهن سان ڪو بہ تعلق نہ رکڻ گهرجي، نہ وري سنڌ جي عوام کي عمران خان ۽ سنڌس مخالف اتحادي وفاقي حڪومت مان رليف ملي سگهندو، پيپلز پارٽي سنڌ ۾ سنڌي عوام سان جيڪي ناانصافيون ڪيون آهن هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ جو عوام قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ قومپرست قيادت کي آڻي سنڌ کي پنهنجي مالڪي جو پاڻ حق ڏياري، سنڌ جي مالڪي لاءِ هاڻي سنڌي عوام ۾ شعور بيدار ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، سنڌ جو عوام هاڻي پنهنجي حقن لاءِ سجاڳ ٿي چڪو آهي، سنڌ تي صرف سنڌين جو حق آهي اڄ کان سڄي سنڌ ۾ 28 مئي واري آدمشماري جي نتيجن کي رد ڪرڻ جي هڙتال لاءِ جاڳرتا مهم ذريعي رابطا مهم جو سلسلو مضبوط ڪيو ويندو، انهي موقعي تي مرڪزي اڳواڻ غفار ميرجت، پنهل جمالي، اصغر نوناري ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 25

مهيسر جو ڪو ڏس پتو نہ پيو، نياڻي جي ڳولا لاءِ والدين پاڪ ڪتاب کڻي مدد جي اپيل ڪئي. ٻہ مهينا گذري ويا نياڻي اغوا ٿي آهي پوليس ڳولا ۾ ڪا بہ مدد نٿي ڪري، آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرائڻ، والدين جي اپيل رپورٽ موجب رتوديرو جي نادرشاهہ جي سر نالي محلي مان 2 مهينا اڳ پراسرار نموني گم ٿيل 17 ورهين جي نصرت مهيسر جو اڄان تائين ڪو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو. سنڌس والدين اسحاق مهيسر ۽ روبينا مهيسر پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو هنن چيو تہ اسان جي نياڻي ٻاڙي وارن جي گهر وئي جتان هو واپس نہ موٽي ان کي اغوا ڪيو ويو آهي ٻن مهينن کان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر رتوديرو پوليس نياڻي جي ڳولا ۾ ڪا بہ مدد نٿي ڪري غريب مسڪين آهيون ان لاءِ پوليس اسان جي نہ ٿي ٻڌي هر روز پنهنجي مدد پاڻ پاڪ ڪتاب کڻي نياڻي جي ڳولا لاءِ نڪري ٿا پئون پر هن وقت تائين ڪٿي بہ ڪو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو آهي الائي ڪهڙن ظالمن نياڻي کي اغوا ڪيو هاڻ الائي ڪهڙي حالت ۾ هوندي هن جي جان کي خطرو آهي مان پورهيت آهيان نياڻي جي ڳولا ۾ باقي معصوم ٻچڙا بہ بکون ڪاٽن پيا. جيڪو ڪم پوليس کي ڪرڻو هو نياڻي جو نمبر مون 60 هزار اوڌارا وٺي ٽريس ڪرائي نمبر ڪڍرائي پوليس کي ڏنا ان باوجود بہ پوليس ڪو قدم نہ کنيو آهي، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي منهنجي نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 26

حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. ڳوٺاڻن عبدالله بروهي عبدالمجيد بروهي عبدالباقي بروهي هدايت الله بروهي ۽ ٻين وزير اعلا سنڌ سيد مراد علي شاهہ وزير تعليم سيد سردار علي شاهہ ۽ ضلع شهيد بينظير آباد جي چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي تہ ڳوٺ عبدالمجيد بروهي جي اسڪول جي بلڊنگ ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 27

گلستان خاتون، زويا خاتون، احسان علي چنو پريس ڪلب خيرپور پهچي اڪري پوليس خلاف دانهيندي چيو تہ 2 ڏينهن اڳ اڪري پوليس جا اهلڪار غلام نبي شر، سڪندر شر ۽ ٻيا پوليس وارا، اسان جي پورهيت عابد علي پٽ رسول بخش چنو کي بي ڏوهہ گرفتار ڪري کڻي ويا آهن. جن عابد علي جي آزاديءَ لاءِ 2 لک روپيہ رشوت طلب ڪئي، انڪار ڪرڻ تي عابد علي چنو خلاف منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جنهن جي مذمت ڪريون ٿا، هنن چيو تہ اڪري پوليس انصاف لاءِ آواز اٿارڻ لاءِ پڻ اسان کي ڌمڪائي رهي آهي، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جو نوٽيس وٺي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

ذريعي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب لاش جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي آهي آخري اطلاعن موجب لاش جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي جڏهن تہ اڻڄاتل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل هيو.

بقايا سنڌيار 29

تحسين پيش ڪيو ريلي کي خطاب ڪندي جي ڊي اي اڳواڻن چيو تہ پاڪ فوج ملڪ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، شرپسند ۽ ملڪ دشمن عناصر پاڪ فوج خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. پاڪ فوج سان ملڪ جو 22 ڪروڙ عوام گڏ بيٺل آهي، پاڪ فوج خلاف مهم هلائيندڙن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جي جرئت آهي پاڪ فوج خلاف گندي زبان برداشت نہ ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 30

خطاب ڪيو برادر اسد علي ملاح ۽ برادر گلزار علي پنجتني انقلابي قصيدا پڙهيا آخر ۾ اسرائيل ۽ آمريڪا جا پرچم نذر آتش ڪري مظاهرن جو اختتام ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 31

۾ ڪيس ڪينسر جي بيماري لڳي جنهن جو علاج آغا خان اسپتال ڪراچي مان ڪرائي صحتياب ٿي هيس علاج تي لکين رپيا خرچ آيو هو جڳهہ ڪپائڻ سميت مٽ مائٽن کان اوڌر وٺي پئسا ورتا هئا پر ثقافت کاتي مدد نہ ڪئي هئي جڏهن تہ گذريل وير ڏينهن کان اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ ڪري ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۽ ڊائو اسپتال مان مختلف ٽيسٽون ڪرايو آهن ۽ ڪجهہ ٽيسٽن جي رپورٽون اڃان ناهن مليون آيل ٽيسٽن ۾ رپورٽ موجب ڪينسر جي علاج سبب آنڊي ۽ سوڪهڙو اچي ويو آهي جنهن جو دوائن وسيلي علاج ٿيندو ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن دوائن سان فائدو نہ ٿيو تہ آخري حل آپريشن آهي ان لاءِ سنڌ حڪومت ۽ سرندي وارن کي اپيل ٿي ڪريان تہ علاج ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي بيماري سبب گهريلو مالي حالتون بہ تمام خراب ٿي ويون آهن اڳ جيڪا سگ هئي هاڻي ناهي رهي منهنجي حياتي بچائڻ لاءِ سنڌ واسي ڪردار ادا ڪن هوڏانهن جيئي لطيف سنڌ سنگيت فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر محمد پناهہ مهر ۽ پ پ قيادت سنڌ جي صحت ۽ ثقافت کاتي جي وزيرن سيڪريٽرين سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ فنڪارا فرزانہ عرف بختاور علي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرايو وڃي ڪيو آهي تہ سنڌ جي نوجوان راڳي فنڪارا فرزانہ عرف بختاور علي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ سميت سنڌس والد راڳي علي ڏنو پناڻ مرحوم جو وظيفو سنڌس اولاد کي جاري ڪرايو وڃي اهڙو مطالبو هنن جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو آهي اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ فرزانہ عرف بختاور علي اڳ ڪيترائي مهينا بيماري جي بستري تي هئي کيس بلڊ ڪينسر هو آغا خان اسپتال ڪراچي مان علاج ڪرائي صحتياب ٿي هئي ۽ ٻيهر پنهنجي مداحن جي وچ ۾ هئي پر هڪ ڀيرو ٻيهر بيماري ۾ وڪوڙجي وئي آهي علاج واسطي آغا خان ۽ ٻين وڏين اسپتالن مان ٽيسٽون ڪرائي پئي جڏهن تہ فنڪارا وٽ هاڻي ٽيسٽون ڪرائڻ جي بہ مالي سگ ناهي رهي جنهن ڪري اسان جي تنظيم ثقافت کاتي سنڌ جي اختيارين ۽ صحت کاتي سنڌ جي وزير محترمہ عذرا پيچوهو کي اپيل ٿا ڪريون تہ نوجوان فنڪارا جو سرڪاري خرچ تي علاج ۽ ٽيسٽون ڪرايون وڃن جڏهن تہ مرحوم راڳي علي ڏنو پناڻ کي زندگي ۾ ملندڙ وظيفو پڻ مرحوم راڳي جي خاندان کي ڏنو وڃي تہ جيئن هو گهر جو چلهو ٻاري سگهن

بقايا سنڌيار 32

ماسي خيران جي ابدي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن هوءَ ڊائو اسپتال ڪراچيءَ ۾ علاج دؤران اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي وئي "خيران جي سر ڏي خير هجي" سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهوري حاصل ڪندڙ اداڪاره ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ روڊ حادثي ۾ شديد زخمي ٿي پئي هئي سنڌ حڪومت ياران سنڌ جي مشهور اداڪاره جي وقت سر ڪا خاص واهر ۽ مدد نہ ڪئي وئي سنڌي جي ساڃهہ وندن جي مطالبن جي باوجود سنڌس معياري علاج لاءِ جوڳا قدم نہ کنيا ويا سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديبن. شاعرن اداڪارن ۽ فنڪارن سان حڪومت جي اهڙي بيحسيءَ تي جيترو بہ افسوس ڪجي گهٽ آهي. سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪجي ٿو تہ شبيران چنڊ جي پونئرن جي فوري طور تي مالي مدد ڪئي وڃي. سنڌس گهرجي ڪنهن ڀاتيءَ کي ثقافت کاتي ۾ روزگار ڏيئي سنڌن مالي پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 33

گهوٽڪي ۽ تعلقي اوباوڙو ياران ٿي گذري. ريلي رانوتي روڊ اڪبر فوٽو گرافر ڪان پريس ڪلب تان ٿيندي اوباوڙو مين چوڪ تي پهتي ريلي جي اڳواڻي صوبي سنڌ جي صدر محب وطن پاڪستاني لالا نبي بخش پٽي ۽ صوبي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد قابل پٽي، صدر ضلع گهوٽڪي الطاف حسين رند وارن ڪئي، ريلي کي مين چوڪ تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ هي ريلي اسان جي مرڪزي چيئرمين جي حڪم جي پاسداري ڪندي پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ۽ پيغام پاڪستان لاءِ ڪڍي وئي آهي پاڪستان جي عوام کي گمراهہ ڪري ڪين پاڪ فوج ۽ انٽيليجنس ايجنسين جي خلاف بيهڻ چاهين ٿا ۽ پاڪستاني عوام کي پنهنجي پاڪ فوج سان وڙهائڻ چاهين ٿا پر اها ملڪ دشمن جي چال ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندي پاڪستان کي تباهہ ڪرڻ وارا پاڻ تباهہ ٿي ويندا، هنن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو تہ پاڪستاني عوام محب وطن آهي هو سڀ ڪجهہ سمجهي رهيا آهن، هو پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهن ۽ هميشہ جي لاءِ ساڻن گڏ آهن. دشمن جيڪو بہ ڪري مگر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيندو، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان جا جهنڊا ۽ بينر کڻي پاڪستان پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد ملڪي ادارا زنده آباد جي پرجوش انداز ۾ نعريبازي ڪئي ريلي ۾ محمد رمضان آرائين، صوبدار خان ڪوش، ڊاڪٽر نثار سومرو، عابد حسين رند، الطاف حسين سولنگي، ساجد عباسي، محمد عثمان پٽي، شير محمد ملڪ، وقار پٽي، محمد بلال پٽي دلدار پٽي، زاهد حسين رند، صادق حسين رند، محمد علي سومرو، عبدالوهاب سومرو، عبدالغني پٽي، محمد پريل ڪوش، عبدالحڪيم پٽي سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪري پنهنجي وطن دوستيءَ جو مظاهرو ڪيو

بقايا سنڌيار 34

آبادي کي گهٽائي سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جو منصوبو ناهيو ويو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي آدمشماري ۾ شهرن توڙي ٻهراڙي جي علائقن جا غلط انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن، جيڪا آدمشماري ڪئي وئي آهي ان ۾ غيرقانوني آيل پرڏيهين کي شامل ڪري سنڌ جي اصل آبادي کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش تي عمل شروع ڪيو ويو آهي، سنڌ جي مالڪي جو حق صرف سنڌ جي عوام جو آهي جنهن حق کي غصب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي پئي، سنڌ جي اندر غيرقانوني طور آيل پرڏيهين کي آدمشماري جي انگ اکرن کان الڳ رکڻ لاءِ ڪو بہ الڳ خانو نہ ناهيو ويو نہ وري انهن کي غيرملڪي قرار ڏنو ويو، غيرقانوني طور آيل ماڻهن کي ملڪ جو باشندو بڻائي آدمشماري ۾ ڳنڀ ڏيئي سنڌ جي اصل ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي، وفاقي صوبائي حڪومت ان جو ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ ۾ آيل افغانين کي نيڪالي ڏيارڻ لاءِ ڪو بہ پنهنجو مضبوط موقف نہ رکيو نہ وري ان تي قائم رهيو. آيل غلط انگ اکر ڏيئي سنڌ جي اصل آبادي کي گهٽ ظاهر ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌ دشمن سازش آهي جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو، 28 مئي تي سڄي سنڌ اندر هڙتال ڪرائڻ لاءِ سمورين قومپرست محب وطن سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن سان گڏجاڻيون ڪري ڪين حمايت لاءِ آماده ڪيو ويندو تہ جيئن هڙتال سنڌ ۾ نہ صرف ڪامياب ٿئي پر هڪ مضبوط سنڌ دوست آدمشماري رد ڪري وفاق کي سنڌ جو پيغام ڏنو وڃي، وفاق جي سنڌ دشمن منصوبن خلاف 28 مئي واري هڙتال آدمشماري کي رد ڪرڻ جو عوامي فيصلو ثابت ٿيندو، سنڌ جي عوام کي اسلام آباد جي سياست مان ڪو بہ رليف ملي نہ سگهندو، اسلام آباد ۾ عمران خان جي احتجاج توڙي مذهبي تنظيم جي احتجاج جو سنڌ جي ماڻهن سان ڪو بہ تعلق نہ رکڻ گهرجي، نہ وري سنڌ جي عوام کي عمران خان ۽ سنڌس مخالف اتحادي وفاقي حڪومت مان رليف ملي سگهندو، پيپلز پارٽي سنڌ ۾ سنڌي عوام سان جيڪي ناانصافيون ڪيون آهن هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ جو عوام قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ قومپرست قيادت کي آڻي سنڌ کي پنهنجي مالڪي جو پاڻ حق ڏياري، سنڌ جي مالڪي لاءِ هاڻي سنڌي عوام ۾ شعور بيدار ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، سنڌ جو عوام هاڻي پنهنجي حقن لاءِ سجاڳ ٿي چڪو آهي، سنڌ تي صرف سنڌين جو حق آهي اڄ کان سڄي سنڌ ۾ 28 مئي واري آدمشماري جي نتيجن کي رد ڪرڻ جي هڙتال لاءِ جاڳرتا مهم ذريعي رابطا مهم جو سلسلو مضبوط ڪيو ويندو، انهي موقعي تي مرڪزي اڳواڻ غفار ميرجت، پنهل جمالي، اصغر نوناري ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 35

يونيورسٽي جي انٽرنيشنل سينٽر فار ڪيميڪل اينڊ بايولوجيڪل سائنسز (ICCBS) جي ترجمان موجب پروفيسر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ اها پبليڪيشن دراصل سوئٽزرلينڊ جي عالمي سائنسي ڪميونٽي طرفان پروفيسر عطا الرحمان جي اعزاز ۾ ڪئي وئي. سائنس ۽ اعلي تعليم. عطا الرحمان جي خدمتن جو اعتراف. ترجمان موجب ان پبليڪيشن ۾ شامل دنيا جي معروف ماهرن جا آرٽيڪل انٽرنيشنل سينٽر جي سرپرست اعليٰ ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري اڳوڻي وفاقي وزير پروفيسر عطا رحمان سان منسوب ڪيا ويا آهن. ياد رهي تہ پروفيسر عطاءُ الرحمان قدرتي پيداوار جي ڪيميا جي شعبي ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جن ۾ آمريڪا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ نامياتي ۽ غير نامياتي ڪيميا، NMR اسپيڪٽرو اسڪوپي ۽ قدرتي پيداوار جي ڪيميا جي موضوعن تي 1315 کان وڌيڪ بين الاقوامي پبليڪيشن شامل آهن. 367 ڪتاب شامل آهن. هن جا جاپاني ۽ بين الاقوامي سائنسي جرنلز ۾ 775 کان وڌيڪ تحقيقي اشاعتون آهن. سندس نالي تي 83 پيٽنٽ آهن. هو اڪيڊمي آف سائنسز جو صدر پڻ رهي چڪو آهي ۽ ڪيترائي تحقيقي ۽ تعليمي ادارا قائم ڪري چڪو آهي. چين ۽ ملائيشيا ۾ پروفيسر عطا الرحمان جو نالو پروفيسر عطا الرحمان کي نہ رڳو قومي پر ڪيترائي عالمي ايوارڊ ملي چڪا آهن. چين جي صدر شي جن پنگ کيس چين جي اعليٰ ترين سائنسي ايوارڊ سان پڻ نوازيو آهي. کيس فيلو آف دي رائل سوسائٽي (لنڊن) جو اعزاز بہ مليل آهي. ورلڊ اڪيڊمي آف سائنسز (TWAS) انعام. ترجمان موجب ملڪي ۽ غير ملڪي اعزازن ۽ ايوارڊن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي، جنهن ۾ پروفيسر عطا الرحمان، شيخ الجامع ڪراچي پروفيسر ڊاڪٽر خالد محمود عراقي ۽ آءِ سي سي بي ايس جامعہ ڪراچي جي هيڊ ۽ COMSTEC جي ڪوآرڊينيٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر عطيہ الرحمان شامل آهن. محمد علي پڻ موجود آهن اقبال چوڌري عطا الرحمان کي ان ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو

آفيس آف دي
ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر ايٽ مٺي

NO.DCL/TPR/ENG/785/OF 2022-23, Mithi Phone#0232-261580, Dated: 15.05.2023

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ايڊمنسٽريٽر ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر ايٽ مٺي جي منظوريءَ سان ليٽر نمبر DCL/TPR/781/of Mithi، تاريخ 12/05/2023، SPPRA رولز 2010 پاران نوٽيفڪيشن معياري واڪ دستاويزن (سنگل اسٽيج ون لفافو) تي سيل ٿيل ٽينڊر طلب ڪيا ويا آهن. دلچسپي پارٽين/فرمن/ ٺيڪيدار کان SPPRA ضابطا 2013 تحت (تاريخ تائين تبديل ٿيل) هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ پنهنجي ذريعن کان، مالي سال 2022_23 لاءِ:-

ايس نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل لاڳت	سوڻي رقم 2٪	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	1. سولر سسٽم تي گهٽ ظرفيت جي سبمرسيبل پمپ جي کوٽائي ۽ تنصيب جنهن ۾ پاڻي جي ٽانڪي پندرهن نمبر (15) تعلقي ڏاهلي، ضلعي ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾.	27.000.000	540.000	3000	06 مهينا
2	1. مختلف ڳوٺن تعلقي ڇاڇرو ضلعي ٿرپارڪر ۾ واٽر ٽينڪ پندرهن نمبر(15) سميت سولر سسٽم تي گهٽ گنجائش وارو سبمرسيبل پمپ ڊرلنگ ۽ انسٽال ڪرڻ.	24.000.000	480.000	3000	06 مهينا
3	1. مختلف ڳوٺن تعلقي مٺي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ پاڻي جي ٽانڪي پندرهن نمبر(15) سميت سولر سسٽم تي گهٽ گنجائش وارو سبمرسيبل پمپ ڊرلنگ ۽ انسٽال ڪرڻ.	21.000.000	420.000	3000	06 مهينا
4	1. مختلف ڳوٺن تعلقي ننگرپارڪر، ضلعي ٿرپارڪر ۾ واٽر ٽينڪ 20 نمبر(20) سميت سولر سسٽم تي گهٽ گنجائش واري سبمرسيبل پمپ جي سوراخ ڪرڻ ۽ لڳائڻ.	20.000.000	400.000	3000	06 مهينا
5	1. مختلف ڳوٺن تعلقي اسلام ڪوٽ، ضلعي ٿرپارڪر ۾ واٽر ٽينڪ 20 نمبر(20) سميت سولر سسٽم تي گهٽ گنجائش وارو سبمرسيبل پمپ ڊرلنگ ۽ انسٽال ڪرڻ.	20.000.000	400.000	3000	06 مهينا
6	1. سولر سسٽم تي گهٽ ظرفي جي سبمرسيبل پمپ جي کوٽائي ۽ تنصيب، جنهن ۾ مختلف ڳوٺن تعلقي ڏيپلو، ضلعي ٿرپارڪر ۾ واٽر ٽينڪ 20 نمبر(20) شامل آهن.	20.000.000	400.000	3000	06 مهينا
7	1. مختلف ڳوٺن تعلقي ڪلوئي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ واٽر ٽئنڪ ٽوئنٽي نمبر(20) سميت سولر سسٽم تي گهٽ گنجائش وارو سبمرسيبل پمپ ڊرلنگ ۽ انسٽال ڪرڻ.	20.000.000	400.000	3000	06 مهينا
8	ضلعي ڪائونسل هال لاءِ فرنيچر ۽ سامان جي خريداري.	8.000.000	160.000	3000	06 مهينا
9	ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيس لاءِ فرنيچر ۽ سامان جي خريداري.	4.000.000	80.000	3000	06 مهينا
10	ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيسر ريزيڊنس لاءِ فرنيچر ۽ سامان جي خريداري	3.000.000	600.000	3000	06 مهينا
11	ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر جي آفيسرن جي رهائشي جي لاءِ ٻهرين ماڙ جي تعمير	10.000.000	200.000	3000	06 مهينا

شرط ۽ ضابطا

1. خالي ٽينڊر دستاويز شايع ٿيڻ جي تاريخ کان 22.05.2023 تائين اين بي پي مٺي پرسان ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي ايجنسين/فرمن کي ڪم جي ڏينهن تي آفيس ڪلاڪن دوران جاري ڪيا ويندا يا SPPRA جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيا ويندا، ۽ اهي واپس وصول ڪيا ويندا. ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جو دفتر تاريخ 09.06.2023 تي 2:00 وڳي کوليو ويندو ۽ ساڳئي ڏينهن 2:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ بولي ڏيندڙ/ ٺيڪيدار/ پارٽين يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
2. ٽينڊر جاري ڪيا ويندا نان ريفنڊبل ٽينڊر فيس جي ادائگي تي جيئن هر ڪم جي بدلي ۾ ڊيڪاريل آهي.
3. ڪال ڊپازٽ کان بغير آيل ٽينڊر تي غور ڪيو ويندو.
4. وقت ۽ تاريخ کان پوءِ آيل ٽينڊر زير غور نہ آندا ويندا.
5. ٺيڪيدار/فرم /درخواست ڏيندڙ کي انڪم ٽيڪس ڊپارٽمنٽ، سنڌ روينيو بورڊ، پي اي سي سرٽيفڪيٽ ۽ مڪينيڪل/اليڪٽرانڪ/ٽيڪنيڪل سرٽيفڪيٽ وٽ رجسٽر ٿيڻ گهرجي، صحيح سرٽيفڪيٽ رجسٽريشن دستاويز پيش ڪرڻ گهرجن.
6. ٺيڪيدار / فرم کي حلف نامو جمع ڪرڻ گهرجي تہ اهي ڪنهن بہ ڊپارٽمينٽ طرفان بليڪ لسٽ نہ ڪيا ويا آهن، ۽ سڀئي دستاويز حقيقي آهن ۽ جيڪڏهن ڪو بہ پائيواري ختم ٿي وڃي.
7. ٺيڪيدار/فرم کي جمع ڪرايو وڃي (i) بئنڪ اسٽيٽمينٽ جنهن ۾ گذريل ٽن سالن جو ٽرن اوور ڏيکاريو. (ii) ساڳئي نوعيت جي گذريل ٽن سالن دوران ڪيل ڪم جا تفصيل. (iii) سامان، مشينري ۽ اسٽاف موجود.
8. ڪو بہ مشروط / ٽيليگرافڪ ٽينڊر قبول نہ ڪيو ويندو. خريداري ايجنسي کي SPPRA ضابطن جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.
9. موڪلن جي صورت ۾ يا غير متوقع حالتن ۾، ٽينڊر اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت کوليا ويندا.
10. جاري ٿيڻ جي اينڊڙ تاريخ ۽ غير جوابي ٽينڊرز لاءِ کليل آهي جيئن هيٺ ڏنل آهي.

کولڻ جي بي تاريخ 26.06.2023 تي 2:30 وڳي.

ايڊمنسٽريٽر
ڊسٽرڪٽ ڪائونسل
ٿرپارڪر ايٽ مٺي

INF/KRY#1978/2023

پڙهندي سنڌ تہ.... وڌندي سنڌ